# اوهين سڀ ننگا آهيو

ڪهاڻيون



ڪيرت ٻاٻاڻي

SBC

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اوهين سپ ننگا آهيو

(ڪهاڻيون)

ڪيرت ٻاٻاڻي

SBC

سنڌ بڪ ڪلب

حيدرآباد - سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| **Awheen Sabh Nanga Ahiyo** | **اوهين سڀ ننگا آهيو** |
| (Short Stories) | (ننڍيون ڪهاڻيون) |
| c **Kirat Babani** | c ڪيرت ٻاٻاڻي |
| Junary 2002 | جنوري 2002ع |
| **Pulished by:** | **پبلشر:** |
| Sindh Book Club | سنڌ بڪ ڪلب |
| 35- Rabia Siquare | 35- رابعه اسڪوائر |
| Haider Chowck | حيدر چوڪ |
| Gari Khatta | ڳاڏي کاتو |
| Hyderabad - Sindh | حيدرآباد - سنڌ |
| **Composed by:** | **ڪمپوزڊ باءِ:** |
| Rano Meghwar | راڻو ميگهواڙ |
| Soorij Computers | سُورج ڪمپيوٽرز |
| 13- Madina Market | 13- مدينه مارڪيٽ |
| Khokhar Muhallah | کوکر محلو |
| Hyderabad, Sindh | حيدرآباد - سنڌ |
| Phone: 783498 | فون: 783498 |
| **Printed by:** | **پرنٽر:** |
| Pakiza Printers | پاڪيزه پرنٽرس |
| Lijpat Road | لجپت روڊ |
| Hyderabad, Sindh | حيدرآباد - سنڌ |
| | قيمت 50 رپيا |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي امڙ
سنڌ ڌرتيءَ
جي نالي.

ڪ . ب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | |
|---|---|
| ● تخليقڪار | 5 |
| 1. منهنجو يار ٿهل | 8 |
| 2. جيئي سنڌ... سدا جيئي! | 18 |
| 3. ڄامشوري جي پل | 25 |
| 4. پيٽ ۾ وڪڙ | 32 |
| 5. سنت جي سريت | 38 |
| 6. پاڻ ڏسڻ آيو | 45 |
| 7. سليم ۽ ڪليم | 52 |
| 8. نيٽو | 58 |
| 9. ڀڳوان الائي ڪيس... | 63 |
| 10. مون واعدو نه پاڙيو | 68 |
| 11. ... ۽ ڳوٺ ڳم ٿي ويو! | 73 |
| 12. اڪيون | 78 |
| 13. لينن گراڊ جي هڪ شام | 86 |
| 14. اوهين سڀ ننگا آهيو | 91 |

# تخليقڪار

اج جي نئين يگ ۾ وگيانڪ ساڌنن جي وسيع ڦهلاءَ ڪارڻ گهٽ ۾ گهٽ به شيون، هڪ هنڌان ٻئي هنڌ ڊوڙنديون پهچي وينديون آهن: هڪڙو آهي ويچار ۽ ٻيو آهي فئشن. ڪلا فئشن نه آهي. فئشن جو واسطو انسان جي روپ ۽ ٻاهرين سينگار ۽ سجاوٽ سان آهي. ڪلا جو واسطو انسان جي ذهني ۽ روحاني آنند سان آهي ۽ ان جو واسطو اعليٰ سماجڪ ڪارج سان پڻ آهي، جيڪا ڳالهه سڌي سنواتي نموني سان نه، پر اڻ سڌي نموني اخلاقي، جمالياتي ۽ انساني بنيادي قدرن جي سطح تي سماج ۾ پرويش ڪري ٿي.

ڪجهه سال اڳ ترقي پسند ويچار رکندڙ ساهتڪارن تي الزام هو ته هو ماسڪو جو نقل ڪري رهيا آهن؛ بعد ۾ وري جديد ويچار ڌارا وارن تي به ساڳئي قسم جي تهمت هئي ته هو پئرس جو نقل ڪري رهيا آهن. نقل ڪٿان به اچي، آخر نقل آهي ۽ بنيادي ويچار جي پدوي يا سمانتا حاصل ڪري نه سگهندو؛ باقي انساني ويچارن جي بنيادي قدرن ۽ سچاين کي جهٽڻ ۽ پاڻ ۾ سمائڻ، نقل جي دائري کان ٻاهر آهي؛ اِهو يونيورسل آهي، انساني ويچار جي اوسر ۽ پرسپر ڦهلاءَ جي پرڪريا آهي. چوڻ جو مطلب آهي ته جيون هڪ شاهي وهڪرو آهي، جنهن ۾ انيڪ اُٿلون ۽ اُڀار اچن ٿا، جن مان ويچار جا انيڪ سر ۽ لهرون وجود پائين ٿيون ۽ ذهن جو وسيع مانداڻ مندجي ٿو.

جيون جي مول فلاسافي ڪٿان به جهٽجي، اِهائي سچ جي کوج آهي. اِهوئي جيون جو مول مت آهي. پر اُن کي پنهنجن نجي حالتن جي ڪسوٽيءَ تي لڳائي، ڪلا جو نرماڻ ڪري سگهجي ٿو. ٻيءَ حالت ۾ اها جبز وقت. مڪان ۽ ذاتي حقيقت کان ڇڳل لڳندي آهي ۽ سرجن جي فرض جي صحيح پورتي نه ٿيندي.

اجوڪو سمو اٽو يگ ٿو سڏجي، جنهن ۾ اٽو- باريڪ ۾ باريڪ ذرو حيرتناڪ شڪتيءَ جو ڀنڊار ٻڌيو آهي. طبعي دنيا ۾ جيتري اهميت اج ائٽم کي آهي. بلڪل اوتري اهميت، اسان جي سماجي دنيا ۾ هڪ فرد کي آهي، جيڪو جڻ سماج جو اٽو آهي. جيئن اٽو شڪتيءَ جو ڀنڊار هوندي به نيستيءَ جو ڪارڻ بڻجي سگهي ٿو. بنهه ساڳيءَ طرح فرد، سماج لاءِ لاڀدائڪ به ٿي سگهي ٿو ته مها

جو بوجھ ڪنهن حد تائين هلڪو ٿيو هو. اهو شايد ان ڪري به هجي جو پنهنجي پيڙا ڪي مون تائين پهچائي. پاڻ ڪي هلڪو محسوس ڪيو هئائين....

"مان لئلا کي هڪ دفعو ڏسڻ ٿو چاهيان. معلوم اٿم ته هوءَ سڌ بڌ وڃائي ويٺي آهي ۽ شايد مون کي سڃاڻي به نه سگهي. پر منهنجو من پيو چوي، ته متان مون کي ڏسي، ڪٿي ڪا ازغيبي سوجهه نه ڪيس سنتوش بخشي ۽ سندس آتما جي ڳنڍ. جيڪا پيچجي ويئي آهي، سا کلي پوي..." ۽ هو وري سڏڪا ڀرڻ لڳو. جاتم سندس حالت منهنجي سهڻ کان ٻاهر آهي ان ڪري مون ڪيس ڪٿي جلدي پهچڻ جو بهانو ڏنو ۽ وري وري وتس اچڻ جو اقرار ڏيئي، مان ٽڪرو ڪمري کان ٻاهر نڪري، دالان ٽپي مکيه دروازو کولي، ٻاهر نڪري آيس ۽ پٺيان نهارڻ جي به جرئت ڪا نه ٿيم!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نسخو تيار ڪري ڏنائين: جيڪو اردلي کڻي هليو ويو. پوءِ چيائين، ”سڀ ٺيڪ آهي. پر هن کي گهٽ ۾ گهٽ ٻن ڏينهن لاءِ مڪمل آرام جي ضرورت آهي.“ مان اشارو سمجهي ويس. مون آسير کي چيو، ”تنهنجي هٿ پوري خاطرداري ٿيندي. تون ڪنهن به قسم جو اُلڪو نه ڪجانءِ. ڊاڪٽر جي چوڻ موجب پورو آرام ڪر. باقي سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿي ويندو...“

ٻئي ڏينهن مون کي پنهنجي رٽا پٽاندڙ واپس موٽڻو هو. ان وچ ۾ مون واسطيدار شخصن سان آسير جي مشن بابت تفصيل ۾ ڳالهيون ڪري ورتيون. ڪين ضروري خاطريون ڏنم ۽ سيپيئي شڪ دور ڪري ڇڏيم. هڪ عملي خاڪو تيار ٿي ويو. وڃڻ کان اڳ ۾ وري مان آسير وٽ آيس. ڪيس ڏاڍو سرهو ڏٺم. هو ڊائريءَ جو ورق لکي رهيو هو. مون ڪيس ذري پرزي ڳالهه سمجهائي ڇڏي ۽ رٿيل پروگرام پڻ ذهن نشين ڪرايم. ڪڏهن، ڪيئن ۽ ڪٿي اسين پنهنجو ڳنڍ قائم رکندا سون، سو به طئه ٿي ويو. پوءِ ڊائريءَ طرف اشارو ڪندي چيم، ”تيون ڏينهن رات مون هڪ غير مهذب حرڪت ڪري ورتي.“

هن يڪدم ڳالهه کي سمجهي ورتو. چيائين، ”ان ۾ ڪا به غير مهذب ڳالهه ڪانهي. هيءَ ڊائري منهنجو خانگي سرمايو ڪانهي. هيءَ ته قوم جي ملڪيت آهي ۽ اسان سڀني جو گڏيل ورثو آهي... اوهان کي ڪيئن لڳو منهنجو دستاويز؟“

مون چيو، ”اوهين ته غضب جي نقاشي ٿا ڪريو. بارود پرزيو پيو آهي اوهان جي هردي ۾. شجاعت اوهان جي ورثي ۾ آهي... اوهان جو هٿ پهچڻ ان جو عظيم ثبوت آهي...“ پوءِ ٿورو مذاقي لهجي ۾ چيم، ”اوهان اهڙي بارود جي وچ ۾ هڪڙو خوبصورت گل ڪيئن سانڍي رکيو آهي؟“

ٿورو هٻڪي، پوءِ ڳالهه جي تند کي پڪڙيندي چيائين، ”اوهين سڪينا جي فوٽي جي ڳالهه ٿا ڪريو نه؟ مان ڪيس سورٺ چوندو آهيان...“ ڪن لاءِ هڪ خوني ڪنار منهنجي ذهن جي پردي اڳيان چلڪات ڪري ويئي. مون ذهن کي ڌوڏو ڏيئي اُن کي هٽائي ڇڏيو. پوءِ هڪڙي گمان جي زير اثر چيم، ”اوهان جي هيڏي جوکم جي خبر اٿس؟“

ڏاڍي فخر جي احساس وچان جواب ڏنائين، ”صرف خبر نه پر ناز به اٿس!“ ۽ سندس چهرو چمڪي پيو.

مون چيو، ”ڪير آهي اوهان جي نور نظر؟“

چيائين، ”ڳنوارڻ آهي. چيلا- چيليون سنڀاليندي آهي.“

مون چيو، ”مان اهڙو ڳنوار نه آهيان جو اهڙي ڳالهه کي ڳنڍ ٻڌي سگهان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مردن جي اهڙ ڪي شل نہ چوٽ لڳي! اسين تہ سڀ ڪجهہ سهيو وجون..."

اتي ڪٿي چيم: "پر ڳالهہ لڪائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟"

اکيائين: "چوري چيو هو بابا کي نہ ٻڌائج، مون کي لڄ ٿي اچي."

ڪوڙو رعب رکي چيم: "ٻڌائڻ ۾ لڄ ٿي آيس ۽ هاڻي شادي ڪري آيو آهي تہ لڄ ڪا نہ ٿي اچيس؟"

ماءُ نيٺ ماءُ آهي! چي: "ٻارن جا حساب ٿي پنهنجا آهن! اٿين تہ ڏسان پيئي تون بہ ننهن ڏسي نري پيو آهين؛ باقي ٻاهريون رعب اجايو نٿو ڇڏين."

مون اِتي هار مڃي. چورو برابر سهڻي سڊول نينگر ڳهلي آيو هو. پوءِ بہ پنهنجي مطلب ڪارڻ چيم: "نهٺين برابر سندر آهي، پر تون وڏيڪ سندر آهين" ۽ ڪيس چڪي پنهنجي طرف ڪيم.

ٻاڻ ڇڏائيندي چيائين: "چو، چو؛ چا ٿيو؟"

مون چيو: "پٽهن شادي ڪري آيو آهي، اُها بہ نہ ملهائيبي چا؟"

دل ۾ خوش، پر ٻاهران موڙو ڏيندي چيائين: "شادي ڪري آيو آهي پٽهن ۽ ملهائيندين تون! مردن ڪَي تہ هن لاءِ رڳو ٻهانو کپي...!"

جيسين هوءَ جملو پورو ڪري تيسين بجليءَ جو بٽڻ دٻائي مون اوندهہ ڪري ڇڏي!

# سنت جي سريت

ڀائي ٽرمداس جو دل تنگ ڪري جڏهن اوچتو مرتيو ٿيو تہ پوري نگر تي دک جي لهر ڇانئجي ويئي. هو پنهنجن ششن جو پيارو تہ هو ئي، پر نگر جي ساڌارڻ منشن ۾ بہ ڏاڍو پريہ هو. سندس ٽڪاڻي ۾ صبوح- شام ڪيرتن تي ڇا تہ پيڙ ٿيندي هئي! ماڻهو متس جنسي موهت هئا. هڪ طرف هئي ڀائي صاحب جي شاهاڻي شخصيت- خوبصورت ۽ موهيندڙ چهرو، اکين ۾ تيج، چپن تي دلفريب مرڪ، قدآور ۽ رشٽ پشٽ شرير ۽ وري جو مٿان سلڪ جو گيڙو ۽ رتو وستر اوڍيندو هو ۽ وچان سيند ڪڍي، وڏا وار پنيان اُڇلي، ڇاڪڙين جي ڪڙڪ ڪڙڪ سان، شان سان قدم کڻندو هو تہ منجهائنس پراچين زماني جي رشيءَ جي جهلڪ پيئي ايندي هئي ۽ ٻئي طرف ڀائو ٽرمداس واقعي گيانڻ جو پنڊار هو. سندس پروچن ۾ ويد، گيتا، اُپنشدن ۽ ٻين هندو گرنٿن مان حوالا ۽ درشٽانت اهڙي نموني ۾ پوتل هوندا هئا، جو ٻڌندڙ اکيون پوري منتر مگڌ ٿي ويندا هئا. گويا چند گهڙين لاءِ هو ٻئي ڪنهن آنندميہ سنسار ۾ پهچي ويندا هئا. سندس شش ڀائي صاحب جي پيٺ آڳاٽن ٻڪشو پرچارڪن سان ڪندا هئا.

اهڙي ستپرش شخص جو ناماچار ڪيئن نہ وڏي! ايندي ويندي شرڌالو ڪيس گهيري رکندا هئا، خاص طور زنانيون. جيئن ڪرشن کي گوپيون گهيري وٺن، تيئن ڀائي ٽرمداس کي سندس ششٽيون ويڙهي ويندیون هيون. ڪيس ڇهڻ لاءِ ڪلهي گس لڳي پيئي هوندي هئي. ڪيترين سندس چرڻن کي ڇهي مٽي پنهنجي مستڪ تي لڳائينديون هيون. ڀائي صاحب جي پوش پوش پيئي پوندي هئي. هو ڪين ويجهو اچڻ کان روڪيندو هو ۽ اڪيلي درشن لاءِ ڪنهن بہ استريءَ کي اجازت ڪا نہ هوندي هئي.

سياويڪ ههڙي ستپرش ۽ گيانوان شخص جو دل تنگ ڪري اوچتو ديهانت وڏي شوڪ جو ڪارڻ بڻجي ويو. سندس شش تہ گروءَ جي اوچتو پرلوڪ پدارجڻ ڪري انينت دکي هئا، پر جن ساڌارڻ نگرواسين ڀائي صاحب جي گمان پنڊاري مان آنند جي چڪي پيتي هئي، سي پڻ ملول هئا. وڏي ڳالهہ، جنهن تي هر چهري تي تيرس هو، سا ايها، تہ ڀائو ٽرمداس جنهن کي ظاهري طور تہ ڪو بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شرير ۽ من جو روڳ نٿي نظر آيو ۽ سندس شش جي وشواس موجب هن کي سو سوءُ سالن جي عمر جو وردان مليل هو. سو پنجاهه سالن جي ڦوهه جوانيءَ ۾ ڪيئن راهه رباني وٺي ويو. ايشور جا اپار رنگ. ڪير ڄڃهه ۾ هٿ وجهي! بس چيلن لاءِ اهو ئي سنتوش جو هڪ بهانو هو.

ڀائي ٽرمداس جو مرتڪ شرير، شرڌالن جي انتم درشن لاءِ ٻن ڏينهن لاءِ شدمد سان سجائي تڪائي جي انهيءَ هال ۾ رکيو ويو، جتي ويهي هو شرڌالن جو من پرسن ڪندو هو. پورا اٺيتاليهه ڪلاڪ لڳاتار رام ڌني ۽ اکنڊ ڪيرتن هلندو رهيو. نگر جي ماڻهن لاءِ ٻيئي ڏينهن ڀنڊارو کليل رهيو. هٿ پرساديون ملنديون رهيون، فقير فقري کي دان پڃ ملندو رهيو. واس ڌوپ ٽيندا رهيا. ٽئين ڏينهن تي ويدڪ وڌيءَ موجب ڀائي ٽرمداس جي مرتڪ شرير جو ڪريا ڪرم ڪيو ويو. ڏاڍي شان سان اُن کي سجائي، پوءِ هڪ وڏي ٽرڪ تي ناهيل بلند پليٽفارم تي ڪيس رکيو ويو ۽ مٿس گلن جي ورکا ٿي. گهٽ ۾ گهٽ هڪ ٽن گل تہ واهه جا هوندا. ڀائي صاحب جو شرير رنگبرنگي گلن جو هڪ ٿلهه تي لڳو. ٽرڪ جي اڳيان هڪ قطار شرڌالن جي گلاب دانين مان گلاب جو پاڻي ڇٽڪاريندا هليا ۽ ٻئنڊ باجا توڙي گائڪ سنگيت ورکا پڻ ڪندا هليا. ائين ڀائي ٽرمداس جي، مرتيو لوڪ مان ديو لوڪ روانو ٿيڻ جي سواري شمشان طرف وڌي.

وري بہ وڏي پورو ڪہ شرير کي لاهي اگني سيجا تي رکيو ويو ۽ ڀائي ٽرمداس جو پريم شش ڀائي سنتداس، شرير کي اگني ارپڻ ڪرڻ جي رسم پوري ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيو مس تہ پنيان/ پريان هڪ مائيءَ جو آواز گونجيو: "ترسو!" آواز ۾ هڪ اهڙي درديلي للڪار هئي جو حاضرين چونڪجي ويا. خلق کي ٻن حصن ۾ چيريندي، اُها عورت هڪڙي ٻار کي پاڻ سان گهليندي اڳتي وڌندي رهي ۽ ماڻهو حيرانيءَ ۾ ڏسندا رهيا، گويا هڙي اوچتي ۽ وچتر درشيہ تي شاڪجي ويا هجن.

مائي اُمالڪ اڳيان وڌي، اگني سيجا جي پرسان اچي بيٺي ۽ محڪم آواز ۾ چيائين: اگني سنسڪار جي رسم ڀائي سنتداس نہ، پر ڀائي ٽرمداس جو پٽ ڪندو. ۽ چوڪري کي اڳيان ڇڪي چيائين: مهاراج اِها ٻريل ٻنڌي هن کي ڏيو. مائيءَ اِها ڳالهه ايتري وڏي وات چئي هئي؛ جو حاضر خلق مان گهٽ ئي اُها ڳالهه ٻڌي ورتي ۽ سندن ڪنن ۾ ائين ٻري جيئن اوچتي ڪنوڻ وقت ڪڙڪاٽ ٿيندو آهي. مهراج تہ ڏڏڪجي ويو هو؛ پرم شش ڏانهن هراسيل اکين سان نهاري چڻ پڇندو هجي تہ هو ڇا ڪري. ٻئي طرف ڀائي سنتداس مائيءَ جي هن نموني ڪريا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرم ۽ وگهن ۽ سندس بدوچن تي ايترو ڪروڌ وس اچي ويو، جو هوش وڃائي ڪجهي گار ڪڍندي مائيءَ کي چيائين: ”ڪميڻي رن! تنهنجي اها مجال! نڪر هتان نہ تہ ڏڪو ڏيئي ٻاهر ڦٽو ڪندوسانءِ“. ڪلبلي مچي ويئي. آس پاس بيٺل چيلن چپاٽن جون زبانون جيڪي هن درشيہ تي ٿوري وقت لاءِ ڏنگجي ويئون هيون، سي کلي پيئون. ڪنهن چيو بدچلن، ڪنهن چيو ڪلڇٽي، ڪنهن چيو حرامزادي، ڪنهن چيو ڪوبلي، ڪنهن ڪجهہ چيو، ڪنهن ڪجهہ. لڳو واس ڏوپ ۽ گلن جي سڳند ۾ گارين جي درگند سمائجي ويئي ۽ شمشان جي فضا دک سان گڏ ڪوڙاڻ ۽ چڪتاڻ جو سواس ڪڻڻ لڳي.

ٻئي طرف مائي اڏول بيٺي هئي. شوخ ارڏي ۽ بيپرواه! وڏي واڪي چيائين: اوهان پنهنجي گروءَ جي مرتڪ شرير سامهون ههڙي گندي ڀاشا ڪم آڻي، سندس اپمان ڪيو آهي. اوهان منهنجو ڪجهہ بہ نہ بگاڙيو آهي، صرف پنهنجو مک گندو ڪيو اٿوَ... اجا مائيءَ ڳالهہ پوري ئي نہ ڪئي جو ڀائي سنتداس ڪيس پرپور طاقت سان اهڙو ڌڪو ڏنو جو هوءَ سنڀالي، تنهن کان اڳ ٻار سوڏي ڌڙام وڃي زمين تي ڪري ۽ پوءِ ڪن ڪيس ٽڏا بہ هنيا ۽ بہ تي شيوڪ ڪين گهليندا، دروازي کان ٻاهر ڦٽي ڪري آيا. ٻار ۽ ماءُ دانهون ڪندا رهيا. چڱو خاصو تماشو ٿي پيو.

ڀائي ڌرمداس جو اگني سنسڪار تہ دکدائي ۽ گهٽيندڙ وايومنڊل ۾ ٿي گذريو، پر وڏيءَ پوروڪ. ڀائي سنتداس ڀائي صاحب جي گديءَ تي ويهي ئي ويهي، تنهن کان اڳ ڀائي سنتداس ۽ ٻين چئن تي فوجداري ڪورٽ جا سمن لڳي ويا، جنهن ۾ مٿن مکيہ طور تي ڏوهہ مڙهيا ويا هئا: (1) تہ هنن جمنا ٻائي ۽ سندس ٻار تي حملو ڪري کين مارڪُٽ ڪئي آهي. (2) تہ هنن ڀائي ڌرمداس جي حقي پٽ کي پنهنجي پيءُ جي اگني سنسڪار جي ڪارمڪ وڌيءَ کان روڪي، سندس بنيادي حق جو اُلنگهن ڪيو آهي. (3) تہ هو ويساهہ گهاتي ڪري ڀائي ڌرمداس جي حقي وارث کي پنهنجي پيءُ جي گدي ۽ پيءَ ملڪيت کان محروم ڪري، پاڻ قبضائڻ ٿا گهرن ۽ وڌيڪ ڪورٽ مٿن منع نامو جاري ڪيو هو تہ جيستائين مٿين تڪراري ڳالهين/ سوالن جو نبيرو نہ ٿيو آهي، تيستائين هو ڀائي صاحب جي گدي ۽ وارثت جي باري ۾ ڪو بہ فيصلو يا قدم کڻي نٿا سگهن، ڇاڪاڻ تہ اهڙو عمل قانوني ڏوهہ ليکيو ويندو، جنهن لاءِ ڪڙي سزا ملي سگهي ٿي.

نڪاڻي جي شيواڌارين ۽ ڪرمچارين تي هن حڪمنامي جاري ٿيڻ تي تہ ڄڻ وڄ ڪري هئي، پر پوري نگر ۾ حيراني ۽ ڇوٻول متل هو. سڀ ڪنهن تي ڏندين آڱريون ڏنيون. پوءِ جڏهن ڪيس هليو تہ پهرين تہ وڪيلن جون وڏيون حجتون ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لنبيون ڊانڊل بازيون هليون. ڪافي شنوايون نڪري ويئون. نيٺ فاضل جج؛ فريادي. يعني جمنا بائيءَ جو بيان رڪارڊ ڪرڻ لاءِ تاريخ مقرر ڪئي.

ڪورٽ ۾ تر ڇڻڻ جي بہ جاءِ نہ هئي. ماڻهو ايترا اچي ڳاهٽ ٿيا هئا ڄڻ ڪنهن وڏي جادوگر جو کيل ٿيڻو هو. بائي ڌرمداس جا شش تہ وڏي تعداد ۾ حاضر هئا. پر حيرت ڪارڻ ٻيا نگرواسي ۽ ڪيترائي قانوني دنيا جا ماهربہ اچي ڪورٽ ۾ وارد ٿيا هئا... پڪار ٿيڻ تي جمنا بائي پٽ کي هٿ کان وٺي اچي ڪورٽ جي ڪٽهڙي ۾ بيني. گيتا تي هٿ رکائي مائيءَ کان قسم کڻايو ويو تہ هوءَ سچ ۽ سچ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ چوندي. هڪ پلڪ لاءِ مائي ٿوري هچڪي، پر پوءِ پاڻ تي قابو پائيندي، جج تي نظرون اٽڪائيندي جمنا چوڻ شروع ڪيو:

صاحب، ٻارهن سال اڳ مان هِن شهر ۾ آئي هيس. تڏهن منهنجي عمر ويهہ سال هئي. مان جوان هيس، مان سندر هيس. بائي جن مون کي پنهنجي شيوا لاءِ ٺڪاڻي ۾ نوڪريءَ ۾رکيو هو. مان ڏاڍي شرڌا سان سندن شيوا ڪندي هيس. ڪپڙا ڌوئڻ، اُنهن کي اِستري ڪري رکڻ. شڌ گيهہ ۾ سندن پسنديءَ جا طعام تيار ڪرڻ ۽ وقت سر کين پوڄن ڪرائڻ. برتڻ ڌوئي الڳ ڪري رکڻ. سندن ڪمري جي چندڻ ڦوڪ ڪرڻ ۽ سندن بسترو سهيڙڻ ۽ اچڻ وڃڻ وقت سندن چاکڙيون صاف ڪري رکڻ ۽ وڃڻ وقت آئي سندن اڳيان رکڻ ۽ ٻيا ننڍا وڏا ڪم ڪندي هيس. مان مائي عام پنڊاري مان ڪائيندي هيس ۽ ٺڪاڻي جي پٺيان جيڪي ڪوٺيون شيواڌارين جي رهڻ لاءِ آهن، تن مان هڪڙيءَ ۾ رهندي هيس. بائي جن جا جيڪي پرم شش سامهون ويٺا آهن، انهن کان پڇو تہ اهو سچ آهي يا نہ؟... پوءِ هڪڙي ڏينهن جيئن مان بائي جن جو بسترو سجائي رهي هيس تہ هو ڪمري اندر لنگهي آيا ۽ چيائون: جمنا اڄ مون کي ڏاڍو بخار آهي، تون هٿ ٿي ڪجهہ هيٺ وڃائي، سمهي پئہ. متان مون کي رات جو ڪنهن شيءِ جي ضرورت نہ پوي. مون چيو: جيڪا اوهان جي آگيا ۽ دروازو بند ڪري فرش تي ليٽي پيس. اڌ رات گذري هوندي تہ مون کي سڏي چيائون: جمنا، منهنجو مٿو پيو سور ۾ ڪڙهي. مٿي اچي کٽ تي ويهي، مون کي زور ڏي. مون وري بہ سندن آگيا جو پالن ڪيو ۽ کين زور ڏيڻ لڳيس. ٿوري وقت کان پوءِ هنن پنهنجو مٿو وهاڻي تان کڻي منهنجي گوڏي تي رکيو... ۽ ٿوري ساعت کان پوءِ هنن پنهنجون ٻانهون ڇڪي منهنجي ڳچيءَ جي چوڌاري وڌيون ۽ منهنجو منهن ڇڪي پنهنجي منهن سان لڳايو... مان ڏڪي ويس، منهنجو ساهہ منجهڻ لڳو ۽ زورزور سان سهڪڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هندو سماج جي مجيل مريادائن جو محل ڪري اچي پٽ پوندو... ٻائي ڌرمداس جا شش پنهنجي گروءَ بابت حقيقت برداشت ڪري سگهندا؟ ڪي تہ هت ئي بيهوش ٿي ويندا، ڪي وري گهر پهچي گلي ۾ ڦاهي وجهي، پاڻ کي ڇت ۾ لٽڪائي ڇڏيندا... ڪيڏي نہ للڪار! گهري اُلجهن....

۽ پوءِ ڪنهن شاڪ مان سجاڳ ٿيندي هڪڙو ڳرو ۽ ڳنڀير آواز ڄڻ پڙاڏي وانگر اُٿيو: ڪورٽ سپاٽي تائين برخواست ڪئي ٿي وڃي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پاڻ ڏسڻ آيو....

ڪمهلي وقت ٽيليفون جي گهنڊٽي ائين وڳي جڻ جنگ جي خطري جو گهگهو چلائي اُٿيو هجي. متان گهر وارن جي ننڊ خراب ٿئي، اِن ڪري مون اُٿي، ٻن ڪمرن جي وچ ۾ دروازي جي ڦاٽل وات جا ٻئي چپ بند ڪيا ۽ پوءِ اچي رسيور کڻي "هيلو" ڪيو. موٽ ۾ ڪنهن جو آواز نه، پر هڪ گهمساني گوڙ ٻڌڻ ۾ آيو، گويا ٽيليفون رڻ پوميءَ سان ڳنڍيو ويو هجي... گهوڙن جون هٽڪارون، تلوارن جون جهٽڪارون، ڀالن جا واڄٽ، نغارن جا ڪڙڪات... مان دهلجي ويس. پاڻ کي وشواس ڏيارڻ لاءِ چوڌاري نظر ورائي ورتم. اوندهه هئي پر مان ڪمري ۾ هوس، خاطري ٿيم. آهستي آهستي ڪن تي هڪ پڙلاءُ پيم جو ڏيمي ڏيمي وڌندو، نيٺ چٽو ٿي ويو:

گهوڙن ۽ گهوٽن جيئڻ ٿورا ڏينهڙا،
ڪڏهن منجهه ڪوٽن ڪڏهن راهي رڻ جا.

(شاهه)

هاڻي هڪ حشمت پريو آواز آيو: "هيلو، هيلو! سنڌ جا فرزند ڪهڙي حال ۾ آهيو؟" مان ڪيس ڇا ٻڌايان ته ڪهڙي حال ۾ هوس! منهنجو اڌ ساهه ئي سڪي ويو هو، جڻ ڪو پوائتو خواب ڏسي رهيو هوس. پر اهڙي لڪ ڪا نه ڏنم. همٿ ٻڌي چيم: "حال ته مڙئي خير آهي، پر اوهين آدم جي ڪهڙي ذات؟ ۽ هيءُ ڪمهلو ڪٿان پيا ڳالهايو؟"

"مان بمبئي ايئرپورٽ تان پيو ڳالهايان. اِجهو هينئر ئي ڪراچيءَ مان ومان رستي هت پهتو آهيان."

"اوهان جي واقفيت؟"

"چو منهنجو آواز به نٿو سڃاڻين؟"

شرمساريءَ کي لڪائيندي چيم: "آواز ته سنڌ ڌرتيءَ جو ٿو لڳي..."

"تو اُن ۾ ڪهڙي سورهيائي ڏيکاري! اها ڳالهه ته مون توکي ٻڌائي. مان هوش محمد شيدي آهيان..."

"هوش محمد! مرحبا. مرحبا! منهنجا دلير دوست. فخر سنڌ! مان اڄ ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏيان. شايد اوهان کي تسڪين ملي وڃي. منهنجو پيءُ پڻ چيڪوسلوويڪيا جو وڏو ديش ڀڳت ۽ انقلابي هو... نازين سندس بدن تي پڻ اهڙا ئي وحشانيت جا نشان ڇڏيا هئا... مان ننڍڙي هيس. هن ديش جي آزادي تہ ڏٺي، پر گهڻو وقت زنده نہ رهيو. ڪليم سان منهنجي دوستي ٿي. هن جو سمورو جيون منهنجي لاءِ ڪليل ڪتاب ٿي پيو. مون کي پيار تہ مليو، پر ساڻ ساڻ ڪا روح جي راحت بہ ملي اتم...."

"ڏيءُ، ڪليم اسان جي منڙي ترتيءَ جي امانت آهي... ڪيس سنڀالي رکج، جيستائين ڪيس ماءُ وٽان موٽڻ لاءِ سڏ ٿئي." پوءِ مون سندس مقدس هٿن کي جهلي، چمي ورتو.

وري مهڙ واري ڪمري ۾ اچي سليم ۽ ڪليم کي ياڪر ۾ جهليم: "مولا مددگار" چئي، اکين جي اوت کي روڪيندو، تکڙو ڪمري کان ٻاهر نڪري آيس. پٺيان نهارڻ جي بہ همت نہ ٿيم.

لاءِ ڇپيءَ اشتهار وڇايو آهي. هو پاڻ کي پچ جو پاڳي پيو سمجهي. ڳالهہ هيئن آهي تہ ڏهہ سال اڳ جڏهن سنتوش ڪمار پنهنجي پيءُ جو نالو بدلائي پنهنجي فرم جي نئين نالي جو مهورت ڪرايو هو تہ ٻانيڻ مهاراج، مڙئي گوتر اپياسي پرشوتم (پرش+ اُتم) نالو چونڊيندي، سنتوش ڪمار کي چيو هو تہ اوهان جو پتا تہ ديوتا سمان آهي: سندس ڪري ئي اوهان جو ڀاڳ کليو آهي ۽ لڪشمي اوهان جي گهر پرويش ڪري آئي آهي. اوهين پيءُ ۾ جيتري شرڌا رکندا اوترو اڳتي وڌندا. هن پوءِ مهراج جي صلاح سان پنهنجي پيءُ جي ورسي ملهائڻ شروع ڪئي هئي. ٻانيڻ ڪارائڻ شروع ڪيا هئا ۽ اخباري شرڌانجلي ڏيڻ جي نئين آيل فئشن مطابق اشتهار وڇهائڻ بہ شروع ڪيا هئا.

۽ پوءِ تہ عجب ٿي ويو هو. پهرين سال ٻچي ٻچي ٿورو خرچ ڪري ورسي ملهائي هئائين ۽ سنڌي اخبار ۾ ننڍڙو اشتهار وڇهايو هئائين. انهيءَ سال مارڪيٽ ۾ ايڏي تيزي آئي ۽ اڳهہ ايڏا وڌيا جو سنتوش کي ويٺا فائدا ٿيا. بس اُچرج ۾ پئجي ويو. پوءِ تہ بس اِهو سلسلو جاري ٿي ويو. هو هر سال ڏاڍي ڌام ڌوم سان ورسي ملهائيندو ويو ۽ لڪشميءَ جي ڪرپا پڻ ڏينهن ڏينهن وڌندي ويئي. پهرين تہ ڪجهہ ٻچندو هو پر هاڻي جڏهن لڪشميءَ جي خود ڪرپا هئي ۽ هڪڙو هٿ سندس مٿي تي هو تہ سنتوش ڪمار ڪجهہ بل تي تہ ڪجهہ بنا بل بہ ڏنڊو ڪندو هو ۽ ائين ناڻو بنهي هٿن سان ميڙيندو ٿي ويو. لڪشمي ڄڻ ٻوڙون پائيندي ٿي آئي.

سنتوش ڪمار سنڪلپ ڪيو هو تہ جنهن سال صافي ڪمائي سال ۾ ڏهہ لک ٿيندي تہ ٽائيمس آف انڊيا ۾ ڏهن هزارن روپين جو اشتهار وڇهائي زوردار شرڌانجلي ڏيئي پنهنجو ڏاڪو ڏيکاريندو ۽ سچ پچ هن سال ڪيس پڪو نفعو بہ لک ۽ ڪچو نفعو اڻ لک بيٺو هو ۽ شدمد سان پنهنجي پيءُ جو وڏي خوشيءَ سان ٽائيمس ۾ اشتهار وڇهايو هئائين.

سنتوش ڪمار انهيءَ ڪاميابيءَ تي ڏاڍو خوش هو. پر ڪجهہ هو جو سندس من ۾ ڪو اپياس پيدا ڪري رهيو هو. سندس من جي اندرين تهن ۾ ڪنهن درد جو ڪنڊو چپ چپ ڪري رهيو هو. ڪيس ديوڪيءَ سان شادي ڪئي چار سال ٿيا آهن، پر سنتان جي سڪ پوري ڪا نہ ٿي آهي. هيترو ناڻو ڪيڏانهن ويندو... چا سندس ڪان پوءِ ڪير سندس ورسي ملهائڻ وارو بہ هوندو يا نہ! بلڪل اوڏي مهل ديوڪي چانهہ جي ٿري ڪٺي اچي مڙس اڳيان رکي ۽ سندس هٿ ۾ جهليل اخبار تي نظر پوندي چيائين، "هن سال ايڏو وڏو اشتهار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجهايو اٿو؟"

اکين ۾ اکيون ملائيندي سنتوش ڪمار چيو. "ڪمائي بہ تہ ايڏي وڏي ٿي آهي؟"

ديوڪي اُمنگ ۾ اچي مڙس جي ڳلي ۾ ٻانهون وجهي چيو، "ٻڌو هاڻي دادا کان لڪشميءَ جي گهر نہ ڪريو. هاڻي گهر ڪريوس تہ هو منهنجي گود ڀري..." ۽ شرمائيندي هن پنهنجون اکيون هيٺ ڪري ڇڏيون.

سنتوش ڪمار جي چهري تي دک جون ريکائون مڙي آيون. لنبو ۽ ٿڌو ساهہ کڻي چيائين، "ديوڪي، مان هر سال پتاجن کي سنتان لاءِ آراڌنا ڪندو آهيان. پر لڳي ٿو تہ هو اِها آس پوري نہ ڪندا...."

ديوڪيءَ جي سرير ۾ ڏکڻي ڊوڙي ويئي. ۽ بي صبر ٿي پڇيائين، "اِهو وري ڇا ٿا چئو، آس پوري نہ ڪندا؟"

سنتوش ڪمار ڪيتري ساعت بلڪل خاموش ۽ ڳنڀير ويٺو رهيو. ديوڪي سندس چهري تي اکيون اٽڪائي ويٺي هئي. نيٺ چيائين، "ديوڪي توکان تہ ڪجهہ لڪل ڪونهي. مون توکي سڀ ڪجهہ ٻڌايو آهي تہ مون پنهنجي ٻيءَ سان سٺا پير نہ ڀريا هئا. مون کي ياد آهي هڪ دفعي ٻيڙين لاءِ هڪ ڏهہ پئسي جي سڪي کان بہ انڪار ڪيو هومانس تہ ڪروڌ ۾ اچي، چيو هئائين، تہ تون اولاد کان سڪندين... ٻپٽو ٿيندين..."

ديوڪي رڙ ڪري پرسان پيل ڪرسيءَ تي ڪري پيئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پگهوان الائي ڪيس

اُن ڏينهن پڪ ئي پڪ پتي ٻائيءَ دل ڀري رنو هوندو. روئندي ٻه ڪيئن نه! نيٺ ٻه پتو رت هندو ناري هئي، جنهن جي سهن شڪتي اپار هوندي آهي. ۽ پتي ديو جي موت تي روئڻ ته لازمي هو. نه ته جڳ ڇا ڇا نه چوندو! ۽ ائين ٻه ته هو ته جنهن شخص سان زندگيءَ جا پنجاهه سال گذاريا هجن، تنهن جي وڃڻ جو ڏک ٻه ته ضرور هوندو، پوءِ ڀل اهڙي شخص جون مڙئي يادگيريون ڪوڙيون، ڪساريون ۽ دلسوز ڇو نه هجن....

ها دلسوز! پتي ٻائيءَ جو جيون جو داستان سچ پچ دل ڏڪارينڙ هو. هوءَ جڏهن چوڏهن سالن جي هئي جو ارڙهن سالن جي تيجومل سان پلئه ٻڌي، اگنيءَ جي چوڌاري ڦيرا پائي. سائس جيون ڀر نڀائڻ جا منتر اُچاري، سندس گهر آئي هئي. سندس سپني جا پر ته پهرين رات ڪتجي ويا هئا. جڏهن پيار جي راند رچائڻ کان پوءِ تيجومل سندس هٿ تي ٻن روپين جو نوٽ رکي چيو هو. ”هيءَ اٿيئي پهرئين سهاڳ رات جي خرچي. خرچ پڪائيءَ سان ڪندي ڪج.“ ڪيس وشواس ئي ڪين پئي آيو. سهاڳ رات جي باري ۾ ڇا ڇا نه ٻڌوهئائين. مڙس جي نڇاور تي وڃڻ جا ڇا ته قصا پڙهيا هئائين....

ورهاڱي کان پوءِ واري دؤر ۾ اتفاق سان تيجومل ڪجهه سال ڪالونيءَ ۾ اسان جي گهر جي بلڪل لڳولڳ اچي رهيو هو. پتي ٻائي جڏهن ٻه دکي ٿيندي هئي ته من جو بار هلڪو ڪرڻ لاءِ اسان جي گهر هلي ايندي هئي ۽ شريمتيءَ سان اندر اوريندي هئي. سندس ڳالهيون واقعي تپرس جهڙيون هيون، جو ڪم ڪندي ٻه منهنجو ڪن ازخود سندس داستان طرف کڄي ويندو هو.

هڪ ڏينهن تيجومل ڪو نيڪ ڪو نه هو ته ڀاڄي پتي جي خريداريءَ لاءِ پتنيءَ کي موڪليو هئائين. مڙس کي حساب ڪتاب ڏيندي، مائيءَ کي ڏهن پئسن جو ڪو حساب ملي ئي ڪين. ڏهه پئسا شايد ڪٿي ڪريا يا ڪنهن گهٽ ڏنا يا مائيءَ کان حساب ۾ ڀل ٿي. پر تيجومل ڪٿي ٿو ڏهه پئسا ڇڏي! مائيءَ نيٺ پنهنجي ڪيسي خرچيءَ مان ڏهه پئسا ڀري ڏنا، تڏهن وڃي طوفان ٿميو. مائيءَ کي مهيني ۾ ڪيسي خرچيءَ لاءِ ڏهه رپيا ملندا هئا، تن مان ڏهه پئسا گهٽيا. اهڙن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهيان. سو بهانو بڻائي، پٽ کي موڪلي مون کي سڏائي ورتائين تہ تمام ضروري ڪم آهي. گهر اندر گهڙيس تہ فهمائش ڪندي ٿي چوي: متان ڪاڪي کي وري ويجها ويا آهيو. اوهان تي نہ هن جي ڇايا پئجي وڃي. پوءِ پيا مون کان شين جا اگهہ پڇندا ۽ گهٽ ڪندا. ماٺ ڪري ويٺا هجو....

اتفاق اِهو ٿيو جو اسان اُها جڳهہ ڇڏي، ڪٿي جو ڪٿي پهچي وياسون. ڪاڪو تيجومل ۽ پٽي ٻائي اسان کان صفا وسري ويا. شايد ٻہ چار سال گذري ويا. پر هڪ آرتوار ڏينهن اوچتو غضب ٿي ويو. پٽي ٻائي اچي اسان جي گهر پهتي، بلڪل سڃاڻڻ کان ٻاهر. يلا سٺ سالن جي مائي چاليهن سالن جي لڳي تہ سڃاڻي ڪيئن سگهبو! مائيءَ جي تہ رونق ئي بدلجي ويئي هئي. ڇڻ ڪايا ڪلپ! ڪارسري مان چهرو ڳاڙهسرو پئي لڳو ۽ منهن مان ڇڻ سٽ پئي ٽپڪيو. نڪ ۾ موتين وارا ايرنگ پئي لٽڪيا. ٻانهن ۾ ڇهہ ڇهہ سون جون چوڙيون، بدن تي سهڻي سلڪ جي ساڙهي ولائتي ٻڌل، پيرن ۾ اڌ ڪڙيءَ وارو مخملي چمپل ۽ کلهي ۾ لٽڪيل پرس تہ ”ڪيا بات“ وارو! مان کيس اوائڪ ڏسندو رهيس ۽ دل ۾ چيم: سو نيٺ تيجومل جو مينهن وَٺو آهي ۽ پٽي ٻائيءَ جا ڏکڙا پورا ٿيا آهن. پر اِهو مينهن ڪجهہ ٻئي طرف کان ئي وسيو هو. پٽي ٻائيءَ جي وارتا ڪجهہ هن ريت هئي:

”ٻاڻ (تيجومل) ٻہ سال ڪن اڳ رام کي پيارا ٿي ويا. اسان لاءِ گهڻو ڪجهہ ڇڏي ويا آهن. ٻاندرا ۾ جڳهيون بوڪ ڪرايائون، سي اسان کي مليون آهن. مون ٻن پٽن کي ورهائي ڏنيون آهن. بئنڪ ۾ نقد ڊپازٽون، سيونگ سرٽيفڪيٽ وغيره. جملي ٽي لک رپيا روڪڙا مليا اٿم. پنجاهہ هزار ٻن ڌيئرن کي ڏنا اٿم. باقي ٻہ لک ٻاڻ وٽ رکيا اٿم، جنهن جو مهيني ۾ اڍائي هزار وياج ملندو اٿم. جنهن مان هاٿي ھٿ کولي خرچ ڪندي آهيان ۽ هاٿي ڏاڍي سکي آهيان. سڄو پريوار خوش آهي.“ خوشي مائيءَ جي لفظن مان پيئي ليئا پاتا.

پهرين تہ هچڪيس، پر پوءِ ازخود لفظ چپن تان ترڪي آيا. مون چيو: پٽي ٻائي ڪاڪو تيجومل ضرور سرڳ ۾ ويو هوندو.“ يڪدم چيائين: ”ها، ڀڳوان شل کيس سرڳ ۾ جڳهہ ڏئي! هت تہ نڪو چوڙيائين، نڪو ماڻيائين. من اُتي ڪجهہ چوڙي، ڪجهہ ماڻي....“

# مون واعدو نہ پاڙيو

يارهن مهينن جي نظربنديءَ کان پوءِ جڏهن مان ڪراچي جيل کان ٻاهر آيس، تڏهن منهنجو آزاد ٿيڻ جو اُتساهہ اچانڪ ختم ٿي ويو. سوال اُٿيو تہ هاڻي ڪيڏانهن وڃان؟ پنهنجي وطن جي سرزمين تي هوندي بہ محروميءَ جو احساس غالب پئجي رهيو هو. ڇاڻ هيم تہ انهن يارهن مهينن جي اندر سنڌوءَ جو گهڻو ئي پاڻي وهي چڪو هو. لکين سنڌي پنهنجا پڪا پٽي، آکيرا اُجڙ ڪري، مرجهايل حسرتن جا لاش ڪلهن تي کڻي، وطن جا وڻ ڇڏي سرحد پار ڪري چڪا هئا. مٽ- مائٽ، يار- دوست، شهري ڳوناڻي طوفان ۾ هن پار اُٿلجي ويا هئا. هڪ هترادو زلزلو نازل ٿيو هو جنهن پاڻ کي پاڙ کان جدا ڪري ڇڏيو هو ۽ هزارن سالن جي هڪ شاندار محبتي روايت کي زخمي ڪري، انساني قدرن کي ڪچلي ڇڏيو هو....

مون اندر ئي اندر ۾ رڙ ڪئي، ”مون کي قبول نہ آهي... مون کي قبول نہ آهي... اتهاس جو اِهو باب جيڪو ڪوڙ ۽ سازش تي ٻڌل آهي ۽ نفرت جنهن جو ڪاڄ آهي...“ پر پوءِ بہ اِهو سوال تہ پنهنجي پوري وحشانيت سان منهنجي سامهون کڙو هو تہ هاڻي مان ڪيڏانهن وڃان. هڪ طرف هو تاريخ جو ٿهري طوفان، ٻئي طرف هڪ انسان جو ننڍڙو صداقت ڀريو ارادو ۽... ۽ تنهن کان سواءِ منهنجي هٿ ۾ هو هڪڙو حڪمنامو تہ چوويهن ڪلاڪن جي اندر مان ڪراچي ڇڏي وڃان...

نماشام جو وقت هو. بنا ڪنهن خاص سوچ جي پوليس گاڏيءَ ۾ چڙهي وينس، جيڪا مون کي جيل کان شهر تائين ڇڏڻ لاءِ تيار بيٺي هئي. ذهن خالي، خالي هو، هڪ اهڙي راهگير وانگر، جو ڪنهن نامعلوم منزل ڏانهن هاڪارينڊو هجي. جيئن شهر ويجهو پوندو ٿي ويو، تيئن اندر جي مونجهہ وڌندي ٿي ويئي، اِهو سوچيندي تہ پوليس وٺن کي ڪهڙي هنڌ بيهڻ جو اشارو ڏيان... ۽ پوءِ اوچتو ڪنوڻ جي چمڪاٽ وانگر هڪڙو ويچار منهنجي ذهن جي اُفق تي چمڪي اُٿيو ۽ مون پوليس آفيسر کي چيو تہ مون کي برنس گاردن جي ڦاٽڪ وٽ لاهي ڇڏ... ڄڻ منجهيل راهگير کي منزل ملي ويئي هجي....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهياسون. هن وقت سونل جو خيال ڪرڻ تصور جي ان پکيءَ ڪي اُڏامڻ مثل ٿيندو. جنهن ڪي نه طرف آهي ۽ نه منزل....

ميئارام هاسٽل، جتي يارن سان دلفريب راتيون گذاريون هيم. جو ديدار ڪندي، مان بندر روڊ تي پورهيت يونين جي آفيس جي ٻاهران اچي بيٺس، جتان يارهن مهينا اڳ مان گرفتار ڪيو ويو هوس، انهيءَ ڏوهه هيٺ ته مون مزدورن کي حڪومت خلاف ڀڙڪايو هو؛ جيڪا ڳالهه سچ کان ايترو دور هئي، جيترو ڪراچي دهليءَ کان. يونين آفيس تي هڪ شاهي تالو لڳل هو ۽ ٻه پوليس وارا پهري تي بيٺا هئا. ڪيترو نه سرڪار کي اونو هو مزدور يونين جي آفيس جي سلامتيءَ جو!

پوءِ مون ڪراچيءَ جون اهي سيئي جڳهيون ڏٺيون، جن سان نينهن جو ناتو هوم ۽ نيٺ ٽرام ۾ چڙهي ويٺس. هڪ پچاڙيءَ کان ٻيءَ پچاڙيءَ تائين الائي ڪيترا ڦيرا ويٺو رهيس. آخرين ڦيرو نيٺي جنتيءَ وٽ لهي بيهي رهيس. مندر ۾ اندر ڪو نه ويس. ٻر پوڄاريءَ کان اَتو وٺي مڇين طرف اُڇلائي لقاءُ ڏسڻ لڳس. دور دور سمنڊ جي ڇولين کي رمندو ڏسي حسد ۾ ٻرجي ويس. سمنڊ ڪيترو نه آزاد هو، وشال هو، متوالو هو، انساني نفرت جون ديواريون مٿس ٻڌجي نه سگهيون هيون....

وقت پنهنجي رفتار سان ڊوڙي رهيو هو. منهنجو مٿس ڪو ٻه وس ڪو نه هو. ان کي مان هڪ ساعت لاءِ ٻه بيهاري نٿي سگهيس. اهڙي درخواست وجهڻ ٻه فضول هئي. چوويهن ڪلاڪن جو مدو ختم ٿيڻ تي هو. مون هڪ وڪٽوريا گاڏيءَ کي بيهاريو ۽ مٿس سوار ٿي اسٽيشن طرف هلڻ جو اشارو ڏنو. اسٽيشن تي پهچي ٽڪيٽ خريد ڪيم. گاڏيءَ ۾ چڙهي، دريءَ واري جڳهه تي ويٺس. مون کي معلوم هو ته منهنجو ڪو ٻه مٽ مائٽ ڳوٺ ۾ ڪو نه رهيو آهي. پوءِ ٻه ڳوٺ وڃي رهيو هوس... گاڏي چرڻ وقت مون دريءَ مان هٿ ٻاهر ڪڍي ڪراچيءَ کي "ٽاٽا" ڪئي ۽ چيم، "ڪراچي! منهنجي دل، فڪر نه ڪر، مان اجهو ٿو موٽي اچان..."

پوءِ جي ڪهاڻي تمام لنبي آهي، جا هت ٻڌائڻ نٿو چاهيان. صرف اها ڳالهه ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته مون ڪراچيءَ سان ڪيل واعدو اڃا ڪين پاڙيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ... ۽ ڳوٺ گم ٿي ويو!

مان اُتي ڪيئن پهتس، اُها هڪ الڳ ڪهاڻي آهي. پر جڏهن مان اُتي پهتس ته ڏٺم سڄو ڳوٺ سر زمين تان غائب هو. ها، گويا هڪ ننڍو هيروشما ٿي گذريو هو. وناش جو هڪ ڏهڪائيندڙ نظارو هو. فضا ۾ زهر اوتيل هو. هوا ۾ سڙيل ماس جي بدبوءِ اڃا به قائم هئي. دور تائين ڪري رک جا ڍير ڦهليا پيا هئا. لڳو پئي ته ڪتان ڪتان دکيل دل مان هلڪو دونهون، اڃا به دانهين ٿي آسمان طرف وڌي رهيو هو. پريان هڪ اڌ سڙيل ۽ اڌ سلامت جهوپڙيءَ پرسان هڪڙو ڪتو نهايت ڪڙي نموني اوناٽي رهيو هو. انهيءَ لنبي ڪڙهائيندڙ چيخ ۾ لرزائيندڙ ۽ ڀوائتو اثر هو، جنهن دل ۾ هڪ نامعلوم ڏهڪاءُ پيدا ٿي ڪيو. شايد وفادار ڳگدام پنهنجي مالڪ جي وڇوڙي تي ماتمي سر آلاپي رهيو هو. تمام پريان ڪنهن مئل جانور تي ڳجهن جو جهنڊ وينل هو. اهڙي قبيح منظر تي اک اٽڪائڻ مشڪل هئي....

مان سوچڻ لڳس ته هاڻي آءٌ هن ڳوٺ ۽ اُتي تي گذريل ڏاڍ جي ڪهاڻي ڪيئن لکندس؟ هتي ته ڪتي جي ڀؤنڪ کا سواءِ ٻيو ڪو به آواز سڻڻ ۾ نٿو اچي. رت، آنسون ۽ ڏڙڪڻ کان سواءِ ڪهاڻي ڪين سرجندي؟ مان ڪتي طرف گهلجي ٿو وڃان. جهوپڙيءَ پرسان پهچندي ئي مان دهلجي ٿو وڃان. ڏٺم ڀيانڪ نموني سڙيل، هڪ انسان ساهه ڪٽي رهيو آهي ۽ نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ "پاڻي، پاڻي" پڪاري رهيو آهي. مان هوش سنڀالي، شروعاتي هراس تي غالب ٿو پوان ۽ پنهنجي پاڻيءَ واري پلاسٽڪ جي ٿيلهيءَ مان ننڍو گلاس ڀري سندس وات تي رکي، ڦڙو ڦڙو ڪري ڪيس پيئاريندو ٿو رهان: هڪڙو گلاس، ٻيو گلاس: سندس هٿن پيرن ۾ چرپر اچي ٿي... ڪافي عرصي کان پوءِ آهستي آهستي هو اکيون پٽڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. مان يڪدم پنهنجي ٿرماس مان ڪافيءَ جو ننڍڙو گلاس، ڀري وري به آهستي آهستي سندس چپن تي رکي ڍڪ ڍڪ ڪري ڪيس ڪافي پيئاريندو ٿو رهان ۽ هو سجاڳيءَ جي عالم ۾ اچڻ لڳي ٿو. جڏهن سندس اکيون پوريون کلن ٿيون، تڏهن مون کي لڳي ٿو ته هو ڪجهه چوڻ ٿو چاهي. مان هڪ ڪافيءَ جو گلاس ٻيو به کيس پيئاريان ٿو. چوانس ٿو تون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو نبي آهين. تون ئي، صرف تون، هن ڳوٺ جي قصي جو خالق ٿي سگهين ٿو: تون ئي اِهو پيغام پهچائڻ لاءِ موت جي راهه تان گهڙي ڪن لاءِ موٽي آيو آهين... منتظر اکين سان مان سندس ڦڙڪندڙ چپن کي ڏسندو رهان ٿو....

هوُ آهستي آهستي چڇريل اکرن ۾ قصو بيان ڪري ٿو. مان جيڪي به جهٽي سگهان ٿو، لکندو وڃان ٿو:

"اُن شام کان ئي اِها ڳالهه سڄي ڳوٺ ۾ ڦهليل هئي تہ فوجي ڳوٺ کي گهيرو ڪيو ويٺا آهن... رحيم ۽ رحمان جيئڻ صبوح جو پير واري جهنگل ۾ ڪاٺيون ڪرڻ ويا تہ ٽاٽيل بندوقن سان فوجين کي ڏسي، هُو هراس ۾ ڊوڙون پائيندا واپس ڳوٺ ۾ آيا ۽ سڄي ڳوٺ کي اِن ڳالهه کان آگاهه ڪيائون."

"اسان جو پيارو ڳوٺ لاڪاٽ، فوجي حرامخورن جي اکين ۾ ڪنڊي وانگر چڀڻ لڳو هو... سرويچ جوان فوجي آمريت خلاف اڳرا هئا. اِن ڪري انهن مان ڪيترائي ترم جي ياترا ڪري آيا هئا. ٻن دلير جوانن پير واري فوجي ٽڪري تي بم اُڇلايا هئا... هو جهنگل طرف گم ٿي ويا هئا. اڄ تائين سندن پتو ڪونهي... فوجي اِهو گناهه وساري نہ سگهيا هئا..."

"بيون بہ گهٽيون ئي ڳالهيون هيون. هن ڇوڪرن ڇا ڇا نہ ڪيو هو؟! ڳوٺ جي سيني ڪٽن کي ميڙي، اُنهن تي حاڪم جو نالو لکي، ڪين فوجي ٽوپي پهرائي، پير واري فوجي دستي ڏانهن ڊوڙايو ۽ فوجين هرهڪ ڪتي کي شوٽ ڪري ڇڏيو هو... هڪڙي ڏينهن تہ هن جوانن ڪمال ڪري ڏيکاريو "آزاد سنڌو ديش" جا هٿ لکيل پوسٽر، ڳوٺ جي گهرن جي ديوارين تي چنبڙائي ڇڏيا هئا، جيڪي ڏسي پنجابي سولجرن آپي کان ٻاهر نڪري، گارگند ڪندي، ڦاڙي ڇڏيا هئا... انهن مان هڪڙي حرامخور اسان کي ڪچي گار ڏيئي چيو هو، "يهہ لوڪ هندوئون ڪي... سي پيدا هوئي هئين...."

"اُها رات ايامن جيتري لنبي ٿي هئي... پنجاهہ گهرن جي هيءَ ننڍڙي بستي، ساهہ مٺ ۾ ڪري، ڪنهن پوائتي امڪان جو انتظار ڪندي رهي... رات جو، انڌڪار ساري ڳوٺ کي جڻ پنهنجي چار ۾ وڪوڙيو هو...."

"ٻارن، ٻڍن ۽ زالن کي ڳوٺ جي وچ وارين جهوپڙين ۾ سلامتيءَ جي لحاظ کان گڏ ڪيو ويو هو. باقي مڙسالو ڳوٺ جي ٽڙيل پکڙيل جهوپڙين ۾ سرتي اُجرڪون ٻڌي ۽ هٿن ۾ تکيون ڪهاڙيون جهلي، پٽن تي يا ڪٽن تي جهوٽا کائي رهيا هئا. اوچاڳو ماٺڪين ۾ چيڻ لڳو هو... رات جو هر پل دهشت جو ڏهڪاءُ ڦهلائيندو ٿي ويو... سانت گهٽيندڙ هئي..."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ طرف هيون خونخوار بندوقون، ٻئي طرف هيون تکيون ڪهاڙيون... پوءِ به سينا تاڻيل! آخر فوجي آفيسر رڙ ڪري چيو: "اگر اوهين زالون ٻاهر نه اينديون ته اوهان کي پنهنجن مردن جي لاشن تان لنگهي ٻاهر اچڻو پوندو...

"... بلڪل اُن وقت هڪ پيرسن عورت مائي بختاور، جهوپڙيءَ جو دروازو کولي ٻاهر آئي. هوءَ وڏي اچي اُن خونخوار آفيسر جي سامهون بيٺي ۽ آفيسر تي ڦٽڪار ڪندي چيائين: اسان جا مرد اوهان وانگر نامرد نه آهن، جو برقعن ۾ لڪي ويهن يا زائفائن لاءِ بدفضيلتو ڳالهائين... اهو اسان جي ڌرتيءَ جو مَرڪ نه آهي، اوهان جو مرڪ آهي... مائيءَ اجا ڳالهائڻ پورو ئي نه ڪيو ته بدحواس آفيسر ڪيس پنهنجي هٿ واري لڪڙيءَ سان ڌڪو ڏنو ۽ مائي بختاور ڌڙام وڃي زمين تي ڪري. هڪڙي سرويچ ڪهاڙيءَ سان آفيسر تي اُلر ڪئي... پر افسوس جو اُن ظالم جو ڪنڌ ڪهاڙيءَ نذر ٿئي، تنهن کان اڳ، هڪ ئي وقت ڇهه گوليون اُن سورهيه سنڌي سپوت جي سيني کي پار ڪري ويئون ۽ جوان ڌرتيءَ جي گود ۾ آرامي ٿي ويو... ڌرتي سندس خون سان رڱجي ويئي. فضا ۾ راڙو مچي ويو....

"... زالون آهستي آهستي ٻاهر نڪري آيون... ڪن جي ڪڇن تي تازا ڄاول ٻار به هئا. سندن پنيان ٻار ۽ ٻڍا به ڏيري ڏيري هڪ لنبي قطار ۾ بيهندا ويا. ٻارن جي چهرن تي هراس هو؛ زالون ۽ مرد گنڀير ۽ شانت هئا... فوجي عملدار جي حڪم تي ڪي سپاهي تلاشيءَ لاءِ جهوپڙين ۾ گهڙيا ۽ شڪاري ڪتن وانگر نوس نوس ڪري ٻاهر نڪري آيا... ڪو به روپوش جوان ڪين هٿ نه آيو، تڏهن وري پنجابي آفيسر پاٽيءَ کان ٻاهر نڪري ويو... هن ذليل کان اجا به شڪ رهجي ويو هو ته جي عورتون برقعا ويڙهي بيٺيون آهن، سي ڳوٺ جا باغي لڪل جوان آهن... رنڀيندي چيائين: "برقعا هٽائو... برقعا هٽائو، همين باغيون ڪي تلاش هئه...."

هاڻي سندس سچو منهن ڪارو ٿي ويو... نوُورنين زالن، جن برقعا اوڍي رکيا هئا، تن آهستي آهستي، هڪ هڪ ڪري پهرين پنهنجي چهري تان پردو هٽايو ۽ پوءِ جسم تان برقعو هٽائي ڦٽو ڪيو... پر هن يزيد جي اولاد انسانيت جا سڀ ليڪا لنگهي، عورتن کي ننگو ڪرڻ جو حڪم ڏنو... ڪيتريون آبرودار ڪهاڙيون متي ڪجي ويئون. پر ظالمن جا ڪنڌ متيءَ ۾ ملن، تنهن کان اڳ فوجين جون گوليون مڙسالن جي ڇاتين کي چيربنديون ويئون ۽ سندن ڪهاڙيون ڇڏائجي زمين تي ڪري پيون.

"... تڏهن لاڪاٽ ڳوٺ جي هڪ بهادر وطن پرست، منور، فوجي جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اکيون

جيئن ڊيري ڊيري ڊاڪٽر پٽيءَ جي ڳنڍ کولي، اکين تان هوريان هوريان پٽي هٽائڻ لڳو، تيئن ساوتريءَ جي دل جي ڌڪ ڌڪ ڌنوڻيءَ وانگر وڌندي رهي. هوءَ پنهنجي دل جي ڌڪ ڌڪ بلڪل ٻڌي پئي سگهي. جڏهن ڊاڪٽر اکين تان ڪپهه جا ڀها به هٽايا ته ساوتريءَ محسوس ڪيو ته سندس سڄي بدن مان رت ڊوڙندو دل طرف ڏوڪيندو پيو اچي! ڀها هٽندي سامهون واري شخص جيئن ئي اکيون کوليون ته هوءَ بي- صبريءَ وچان ڪرسيءَ تان ٽپو ڏيئي اُٿي بيٺي ۽ پنهنجا ٻئي هٿ ڇاتيءَ جي کاٻي طرف جهلي بيٺي، گويا دل کي روڪيندي هجي ته ڪٿي ٽپو ڏيئي ٻاهر نه نڪري اچي...!

جنهن جي ساوتريءَ کي اُميد هئي، اهڙو ڪجهه به نه ٿيو. هن شخص ٻه ٽي دفعا اکيون کوليون ۽ بند ڪيون ۽ پوءِ چوڌاري نظر ڦيرائي. پوءِ ڄڻ هڪ بيحد سندر خواب مان سجاڳ ٿيڻ واري حيرت ڀري خوشيءَ سان، اکيون ڊاڪٽر مٿان اٽڪائي. پورن احسانمنديءَ ڀري مرڪ پنهنجي چهري تي ڦهلائي ڇڏي. ڊاڪٽر مرڪ جو جواب مرڪ ۾ ڏنو ۽ ڪائنس پڇيو، "هن ڪوٺيءَ ۾ توکي سڀ ڪجهه چٽيءَ طرح نظر اچي ٿو؟" اُن شخص صرف ڪنڌ ڌوڻ سان "ها" ڪئي. ڊاڪٽر ٻيو سوال ڪيو، "تون هت ڪنهن کي سڃاڻين ٿو؟" وري به هن وات پٽڻ کان سواءِ ناڪاري انداز ۾ ڪن ڌوڻ سان "نه" ڪئي. ڊاڪٽر مڙي ساوتريءَ طرف ڏٺو، جيڪا بت مثل، اوشواس ۽ پيڙا ڀرئي چهري سان، اجا به دل تي هٿ رکي بيٺي هئي. هاڻ سندس دل ڏک جي ساگر ۾ ٻڏي رهي هئي... هوءَ گويا سڀ ڪجهه هارائي چڪي هئي!

ڊاڪٽر، نرس کي مريض جي مڪمل آرام ۽ دوا درمل بابت هدايتون ڏيئي، ساوتريءَ کي پنهنجي ڪئبن ۾ وٺي آيو. ساوتري ڪرسيءَ تي ويهندي ئي ڄڻ ٽٽي پيئي. هوءَ ڊٻيل نموني سڏڪندي رهي. ڊاڪٽر جي بار بار سمجهائڻ ۽ آٿت ڏيڻ جي باوجود سندس اکين مان نير ڌارا جهر جهر وهندي رهي.

ساوتريءَ کي ڪيئن وشواس اچي ته سندس مڙس جون اکيون ڪيس سڃاڻي نٿي سگهيون! اکين جي ٽرنسپلانٽ (بدل سدل) ٿيڻ کان اڳ ئي ڊاڪٽر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پريت ڪندي رميش تڪبو ڪو نہ هو. هڪڙي دفعي جڏهن چرچو ڪري ڪئي ساوتريءَ چيس. "ايشور نہ ڪري جي اتفاق سان ڪنهن حادثي سبب منهنجون اکيون هليون وڃن تہ پوءِ ڇا ڪندا؟ موهہ جي زنجيرن کان پاڻ کي آجو ڪريو..." تڏهن پهرين تہ هو سراپجي ويو... پر پوءِ ساوتريءَ جو منهن پنهنجي هٿن ۾ جهلي اپتريون تہ چميون ڏنائين جو سندس اکين آڏو اونده اچي ويئي. انهيءَ رات ئي هن ٻنهي گڏجي اِها صلاح ٻيهاري تہ هو پنهنجون اکيون دان ڪندا. ٻين انسانن کي ڏيندا جيئن انهن معرفت هو هڪ ٻئي کي ۽ دنيا کي ڏسندا رهن. ۽ ٻئي ڏينهن ئي هو فارم ڀري نيتر دان ڪيندر تي ڏيئي آيا هئا.

ساوتري سوچڻ لڳي: الا! مون کي ڪهڙي خبر تہ اِهي اشڀ وچن منهنجو پريتم مون کان ڪسي وٺندا ۽ پنهنجن اکين ۾ جاءِ ڏيڻ وارو هميشہ لاءِ منهنجين اکين کان دور ٿي ويندو. مون پنهنجي ڀاڳ کي ڪوسي، پاڻ مارڻ چاهيو هو؛ پنهنجي نياڳي زبان کي ڪٽي ڇڏڻ چاهيو هو... پر ان مان ڇا ٿيڻو هو... رميش ٿوروئي موٽي اچڻو هو....

رميش جي اوچتي دل تنڻ ڪري، پهرين ساوتريءَ جا اوسان خطا ٿي ويا هئا، پر جلد ئي کيس نيتر دان واري ڳالهہ ياد اچي ويئي. هن پنهنجي دل تي پٿر رکي، يڪدم اسپتال کي ٽيليفون ڪري پنهنجي پريتم جون اکيون سسڪندي سسڪندي اسپتال جي امانت ڪري ڇڏيون. اختياريءَ وارن کان صرف هڪڙو وچن ورتائين تہ جڏهن بہ رميش جون اکيون ٻئي ڪنهن شخص کي ڏنيون وڃن تہ کيس يڪدم گهرايو وڃي، جيئن آپريشن کان پوءِ هوءَ پنهنجي پتيءَ جون اکيون ڏسي سگهي. گهٽي آناڪانيءَ کان پوءِ اسپتال وارن سندس منت قبول ڪئي هئي. آپريشن کان وٺي پٽي کلڻ تائين، هوءَ اهي سڀ ڏينهن اسپتال ويندي رهي، انهيءَ اُميد سان تہ پٽي کلڻ سان ئي رميش جون اکيون کيس سڃاڻي وٺنديون ۽ هوءَ انهن کي چمي وٺندي. جذبي ۽ موهہ جي وهڪري ۾ هوءَ اِهو بہ ڀلجي ويئي تہ ڌارئي شخص ۾ پيل رميش جي اکين کي چمڻ مريادا جي خلاف هو... ۽ هيڏانهن هيءُ شخص تہ مورڳو کيس اجنبي نظرن سان ڏسي رهيو آهي....

ساوتري غم جي ساگر ۾ لڙهندي ٻڏي وڃي ها، پر ڊاڪٽر جي آواز جلد ئي کيس ڇڪي ٻاهر آندو. "مسز رميش، اوهان جي دک جو مان اندازو لڳائي سگهان ٿو، پر ڪنهن بہ مانسڪ درد جو علاج سواءِ من کي شانت رکڻ جي ٻيو ڪو ئي ڪونهي. اوهان کي تہ اِهو فخر ۽ سنتوش هئڻ گهرجي جو اوهان جي پتيءَ جي اکين ڪنهن ٻئي انسان جي اونداهي دنيا کي روشن ڪيو آهي، اُن جي جيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ امرت پريو آنند اوتيو آهي ۽ ڪيس جيون جو نئون وردان ڏنو آهي. ڇا اوهان لاءِ اها خوشيءَ جي ڳالهه نه آهي ته اوهان جي پتيءَ جون اکيون جيسين هيءُ شخص زنده آهي، سنسار کي ڏسنديون رهنديون ۽ اوهان کي پسنديون رهنديون. اوهان چاهيو ته هن شخص سان آءٌ اوهان جي واقفيت ڪرايان."

ڊاڪٽر جي ڳالهه ٻڌي ساوتريءَ کان هلڪي ڇيخ نڪري ويئي؛ وراڻيائين، "نه، ڊاڪٽر نه، انهيءَ ڳالهه کي اتي ئي رهڻ ڏيو. مون تي صرف هڪڙي مهرباني ڪريو جو هيءُ شخص جيترا به ڏينهن اوهان وٽ چيڪ اپ لاءِ رهي، مان هر روز اوهان سان گڏجي هن جي ڪمري ۾ هلنديس، بس رڳو. اِهو مون تي احسان ڪريو." ڊاڪٽر ساوتريءَ جي دل رنجائڻ نٿي گهري. چيائينس، "بلي. اوهين اچجو ته روز ٻه دفعا صبوح جو يارهين بجي ۽ شام جو ڇئين بجي مان اوهان کي به پاڻ سان گڏ رائونڊ تي وٺي هلندس." اِن خاطريءَ مان سنتوش پائي، ڊاڪٽر جي شڪرگذاري مڃي، ساوتري گهر موٽي آئي.

پورا ست ڏينهن صبوح ۽ شام ساوتري نت نيم سان پوري وقت تي اسپتال ايندي رهي. هوءَ ڊاڪٽر سان گڏ رائونڊ تي نڪرندي هئي ۽ انهيءَ مسٽر "الف" جي ڪمري ۾ پهچي ويندي هئي. اُن ڪمري ۾ گهڙڻ سان سندس اکيون ان شخص جي اکين ۾ اٽڪي بيهنديون هيون ۽ ڪنهن جادوئي اثر هيٺ هوءَ جاڳ ۾ پڻ سپنن جي سنسار ۾ پهچي ويندي هئي. ماضيءَ جون ڪئين حسين تصويرون، جن ۾ رميش سان ماڻيل الولين جا درشيه هوندا هئا، سي سندس ذهن جي پردي تي منڊ لائڻ لڳنديون هيون. هوءَ مگڌ ٿيل جي اُهو آنند ماڻيندي هئي ۽ سندس اُهي خوش خواب تڏهن ٽٽي پوندا هئا، جڏهن ڊاڪٽر چوندو هو، "Let us go" ۽ هوءَ پنهنجي من جو چين، سک اُن ڪوٺيءَ ۾ ڇڏي ٻاهر نڪري ايندي هئي.

ستين ڏينهن تي، پڇاڙيءَ واري رائونڊ وقت جڏهن ڊاڪٽر تڪڙو ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو ته تڙڪندڙ دل ۽ لڏندڙ هٿن سان پرس کولي، ساوتريءَ هڪڙو ويڙهيل ننڍڙو پني ٽڪرو ڪڍي ان شخص "الف" جي بستري تي رکيو ۽ جهٽ ڏيئي، ڊوڙندي ٻاهر نڪري آئي.

مسٽر "الف" پنو کولي پڙهيو. لکيل هو:

مهاشيه، مان اوهان کي پنهنجي دل جي آنڊ مانڊ ڪيئن ٻڌايان؟ منهنجي پريتم پتيءَ جون دان ڪيل اکيون اوهان کي مليون آهن. اِهي اکيون آهن، جن سان منهنجي پتيءَ چار سال مون کي اٿاهه پريم سان ڏنو هو. اهڙي پيار کي مان اَيامن

تائين وساري نہ سگھنديس. مون پنهنجي پريتم جون اکيون سندس اِجا سان اوهان کي سپرد ڪيون آهن. جن اکين کي نہ ڏسڻ سان منهنجو هر پل ڏکيو گذرندو هو. تن کي آءٌ هاڻي ڪداچت ڏسي نہ سگھنديس. انهن اکين کي آءٌ موٽائي بہ نہ وٺي نٿي سگهان! منهنجي دنيا اونداهي ٿي، پر اوهان جو سنسار تہ روشن ٿيو... بس.

- هڪ بيوس

اِن واقعي کي ڪافي وقت گذري چڪو هو. ساوتري پنهنجي ٻار جي پرورش ۽ اُن جي آئيندي جي خوشيءَ لاءِ پنهنجو غم ڀلائڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. سندس زندگيءَ جو پرواهہ رواجي نموني هلي رهيو هو. پر اوچتو سندس جيون ۾ هڪڙو تماڪو ٿيو. هڪڙي ڏينهن صبوح سويرو سندس در تي گھنٽي وڳي. ساوتريءَ جيئن ئي دروازو کوليو تہ حيرت وچان آواڪ رهجي ويئي! مسٽر "الف" سامهون بيٺو هو. ساوتريءَ کي پنهنجين اکين تي وشواس ئي نہ پيو اچي. هوءَ دروازي جي چائنٺ اندر ۽ اُهو شخص چائنٺ کان ٻاهر. ڪيتري ساعت هڪ ٻئي جي سامهون چميا بيٺا رهيا. اَلائي ڪيترو وقت هوُ موت جهڙي خاموشيءَ سان، هڪ ٻئي کي ڏسندا رهيا. شايد پٿر جي مورتين وانگر هو ايامن تائين ائين ئي کڙا هجن ها، پر هڪ ننڍڙي ٻالڪ اچي ساوتريءَ کي هٿ کان ڌونڌاڙيو. "ممي ڪير آيو آهي؟" ساوتري ڇڪ بيسرتيءَ واري اوستا کان ٻاهر نڪري آئي ۽ حجاب جو سياويڪ پردو سندس چهري تي وري آيو. قدرتي هچڪ جي باوجود اُن ڌارئي شخص آڏو مريادا جو اظهار ڪندي چيائين. "اندر اچو نہ!" چوڻ کي تہ چئي ويئي پر يڪدم سندس من ۾ شنڪا پئجي ويئي. پرائي پرش کي گھر اندر دعوت ڏيڻ مريادا جو اُلنگھن تہ نہ هو؟ خاص طور جڏهن هوءَ گھر ۾ اڪيلي هئي ۽ ڌارئي شخص بابت ڪيس ڪنهن بہ قسم جي ڄاڻ نہ هئي. سواءِ ان جي تہ اسپتال وارن سندس پتيءَ جون اکيون ان شخص کي دان ڪيون هيون. اُن شخص سان ڏيٺ ويٺ تہ ٿيو. پر اسپتال واري عرصي ۾ هن هڪ لفظ بہ نہ ڳالهايو هو. ليڪن هاڻي تہ هوءَ ڪيس گھراندر اچڻ جي دعوت ڏيئي چڪي هئي: اُها موٽائي بہ نٿي سگھي.

مسٽر "الف" چائنٺ ٽپي اندر ٿيو. ٻالڪ جي مٿي تي هٿ گھمائي چيائين، "ببلو تنهنجو نالو چاهي؟" هوُ ٻالڪ کي هٿ کان وٺي سامهون ئي بيٺڪ واري ڪمري ۾ وڃي صوفا تي ويٺو ۽ ٻار کي ڪڇي گود ڪنيائين... ساوتريءَ جي دل زور سان دڪ دڪ ڪرڻ لڳي. پنهنجي مونجهاري کي لڪائڻ لاءِ هوءَ رنڌڻي طرف هلي ويئي. سندس هٿ تہ برابر چانهہ ٺاهڻ ۾رڌل هئا، پر سندس ذهن ۾ هڪڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏيو. دل ۾ ڪجهه پڇتاءُ به محسوس ڪيائين. ساڳي استريءَ جا ٻه روپ! ڪيس ڪجهه به سمجهه ۾ نه آيو. خط جيڪو ساوتري اسپتال جي ڪمري ۾ وساري ڇڏي ويٺي هئي، سو ڪيسي مان ڪڍي، هن چپ چاپ تپائيءَ تي رکيو ۽ اٿندي ٻار کي مٿي تي هٿ گهمائي، ساوتريءَ طرف منهن ورائي، چيائين، "شريمتي موتوائي، ٻنهي اڻڄاڻائيءَ ۾ جيڪو ڏک اوهان کي پهچايو آهي، تنهن لاءِ آءٌ اوهان کان معافي ٿو گهران..." ائين چئي هوُ تکڙو تکڙو ڪمري کان ٻاهر نڪري آيو. در اڃا به کليل ئي هو. ڏاڪڻ لهندي ڪيس ساوتريءَ جو هاڻ ڦاڙي روئڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. جنهن ۾ ٻار جي روئڻ جو آواز پڻ شامل ٿي ويو....

# لينن گراڊ جي هڪ شام

اُها شام ڏاڍي غمگين گذري هئي. اسين هڪ يادگار ڏسي موٽيا هئاسون. اُهو هنڌ جتي لينن گراڊ جا پنج لک ابوجهہ پوريا ويا آهن، جيڪي ٻيءَ مهاڀاري لڙائيءَ وقت نازي وحشانيت جو شڪار ٿيا هئا. نہ وقت هو، نہ جڳهہ هئي، تنهن ڪري هزارين انسانن کي هڪ ئي وقت وڏيون کڏون کوٽي وجهندا ۽ پوريندا ويا... ۽ اِهو شاهي ميدان، اُنهن لکين بي وقتو اَجل جو شڪار ٿيل بي گناهن جو قبرستان هڪ يادگار جي صورت ۾ قائم ڪيو ويو آهي....

اِهو سڄو ميدان هڪ سندر سائي ۽ رنگارنگي ڀرت واري غاليچي وانگر ٿو لڳي. چوڌاري وڻن جون قطارون قدرتي ديوار وانگر ڪڙيون آهن. وڻن جو قسم ۽ آڪار اهڙو آهي جو هڪ سنهي سنهي درد جي چپ چپ جو احساس پيدا ٿئي، ڄڻڪ اُنهن وڻن جي شاخن تي تمنائون ۽ حسرتون وينيون آهن. ميدان ۾ هڪ ٻئي کي ڪٽيندڙ ۽ هر طرف ويندڙ پيچرا آهن، جن سان لڳو لڳ چوڌاري اڇي سنگ مرمر جي پٿر جون چادرون وڇايل آهن، جيڪي قبرن جو گڏيل سمبل ۽ تسڪين پيدا ڪرڻ لاءِ آهن....

35 سالن کان پوءِ بہ لينن گراڊ واسي پنهنجن "شهيدن" جي ياد ڀلائي نہ سگهيا آهن ۽ هر آرتوار تي هزارين باشندا گلن جا سندر هار يا گلدستا کڻي، انهيءَ آستان تي اچن ٿا. شايد ڪي مائرون آهن يا پيئر آهن، جن جو اڪيلو ۽ سڪيلڌو جگر جو ٽڪرو وطن مٿان گهورجي ويو هوندو، ڪي محبوبائون هونديون جن جون خوبصورت اُميدون اُتي سمهيون پيئون هونديون، ڪي وريتيون هونديون جن جا سهاڳ مٽجي ويا هوندا، ڪي پوٽا، پڙپوٽا، پٽ ۽ ڌيئرون آهن، جن جا پيارا وطن تان گهورجي ويا آهن. سيپيئي شرڌا جا گل اُتي ڏاڍي پريم سان رکن ٿا، جيتوڻيڪ ڪنهن کي بہ ڄاڻ نہ آهي تہ "سندس پيارو" شخص ڪهڙي پٿر جي چادر هيٺان سمهيل آهي. هو تہ اُنهيءَ عقيدت سان گل رکن ٿا تہ سندن پيارو اُتي ئي پوريل آهي... ڪيترن ئي ٻڍن توڙي نوجوان پرشن توڙي استرين جي اکين ۾ آنسون آهن. 35 سالن ۾ بہ اکين جو سيلاب نہ سڪو آهي.

اسين پيچرن تان گهمي رهيا آهيون. انسان جي قرباني ۽ پريم جو لقاءُ ڏسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳينا، ووڊڪا جي ٻن بوتلن جو آرڊر ڏيئي ڇڏيو.

فضا سچ پچ ووڊڪا سان پر هئي. چوڌاري انيڪ ٽيبلون والاري نر ناريون جيون جي خوشي ماڻڻ ۾ بي فڪر هئا. جيون جي سکي جو هيءُ بيو پاسو هو، جنهن ۾ مسرت، موج ۽ مستي هئي؛ هڪ بيپرواهي ۽ لَلڪار هئي... سنگيت پهرين هلڪو، پوءِ ٿورو تيز ۽ پوءِ اچا بہ تيز... مرد ۽ عورتون آهستي آهستي ڪرسين تان اُٿندا نرتيہ لاءِ ڪليل گهيري ۾ جوڙا ٿي نچڻ لڳا هئا. سندن شرير جي لچڪ ۾ پڻ هڪ سنگيت هو، هڪ دلفريبي هئي....

چوڌاري نظر ڦيرائيندي، ڦيرائيندي منهنجون نظرون هڪ ڪرسيءَ تي اٽڪي بيهي رهيون. دل مان "واهہ!" نڪري ويئي. سندرتا جو هڪ پئمانو، دل ڏوڙيندڙ روپ! برف جهڙي اڇي مئڪسيءَ ۾ ملبوس، سرخ چهرو، جهڙو ڦنڌار جو ڏاڙهون، گول ڪنيل وار ڪلهن تائين ڪريل، اکين ۾ غضب جي شوخي ۽ چمڪ... خوبصورتي پاڻ براجمان هئي. ڪوهہ ڪاف جي پرين جون ڏندڪٿائون شايد هنن حسين جسمن تان ئي ٺهيون هونديون....

منهنجي ۽ وامق جي ڪرسي اهڙيءَ ڪنڊ تي پيل هيون جو اِهو ملوڪ چهرو هن کان بہ لڪل نہ رهيو. هو بہ فورن اهڙي چهري کان جهپجي ويو هو. چيائين، "بابا جي، آپ ني ڪچ ديکا؟"

مون اهڙي اڻجاڻائي ڏيکاريندي چيو، "ڪيا؟"

"اڙي يائي، تون بہ ڪو بي حس پٿر آهين. سامهون چنڊ ڪڙيو بيٺو آهي پر توتي پرڇائين ڪا نہ ٿي پوي... ڇا تہ غضب جي سونهن خدا بخشي اٿس...."

مون چيو، "وامق جي، ذرا دل کي سنڀالي ويهہ. پرديسيءَ جي پريت تہ يڳن کان بدنام ٿيل اٿيئي..." ڏٺم تہ منهنجو آواز ڄڻ هن جي ڪن کي ڇهي بہ ڪو نہ سگهيو هو. هو سڄو، سارو، پورڻ مدَ مست ٿي چڪو هو؛ سندس جسم ڪرسيءَ تي هو پر جذبات پرواز ڪري رهي هئي... "ڏس باباڻي، هوءَ مون ڏي نهاري رهي آهي...."

دل ۾ چيم، "خدا خير ڪري!" پر ٻاهران وامق کي چيم، "ادا، تون جو جهومڻ ٿو چاهين ۽ ڳينا "جهومڻ ديوي" جو بہ تو لاءِ پربند ڪيو آهي... هاڻي هيڏانهن هوڏانهن جي دنيا کي ڀلجي وڃ نہ تہ نشو ٽٽي ويندءِ...."

"اڙي يار، تون بہ ڪو اڻڄاڻ طفل (ڇوڪرو) آهين. هيءُ تہ نشي پٺيان نشو آهي..." بلڪل اوڏي مهل سنگيت جي غضب جي لئہ چالو ٿي ويئي. نر ناريون لئہ تي جهومڻ لڳا، سندن انگ انگ ۾ ترنم ۽ نرت هو، مستي فضا ۾ ڇانئجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويئي.... مون هن حسينا ڏانهن نهاريو. ٽيبل هيٺان سندس پير بہ سنگيت جي لئہ ۾ سات ڏيئي رهيا هئا ۽ سندس چهري جي مشڪ هڪ اهڙو سنگيت هو. جنهن کي ڪو اچ ڏينهن تائين نالو ڏيئي نہ سگهيو آهي....

۽ اوڏي مهل هڪ قدآور سهڻي نينگر اسان جي ٽيبل طرف ايندي نظر آئي. مون کي هڪ گمان، هڪ وهم وڪوڙي ويو. پر نہ هوءَ مون وٽ نہ، گينا جي ڪرسيءَ وٽ پهچي، کيس ناچ ڪرڻ لاءِ آڇ ڪيائين. گينا ناڪار ڪري ڇڏيس. هوءَ ويئي. دل ۾ چيم تہ هيءَ گينا ڇا ڪيو! مريادا جي خلاف، ڇوڪريءَ جي قربانيءَ آڇ ٺڪرائي ڇڏيائين. مون کان رهيو نہ ٿيو. کيس حجت ڀريو ڏوراپو ڏيئي چيم، ”تو سٺو نہ ڪيو. مرداني مريادا جي پڳ لاهي ڇڏيئہ.“

هو ٿورو کليو ۽ صرف ايترو چيائين، ”مان ديوتيءَ تي آهيان....“

”وودڪا ديوي“ پنهنجو اثر ڏيکاري رهي هئي. وامق واقعي لفظي سطح تي تہ جهومڻ بہ لڳو هو. چيائين، ”گينا وات!“ گينا کو بہ جواب نہ ڏنو. هن جي گلاس ۾ وودڪا جو پيگ لاهي ڇڏيائين. ”ڏس گينا، هوءَ نہ سامهون واري هن ڌرتيءَ جي حُور اُتي ميدان ۾ نچڻ لاءِ آئي تہ مان بہ هن سان گڏ اُتي نچندس....“ اسان ٻنهي ”واهہ، واهہ“ ڪري تاڙيون وڄايون.

پوءِ اسين ڪائڻ پيئڻ ۾ گم ٿي وياسون. منهنجون اکيون جيئڻ مٿي ڪڇيون ٿي تہ سامهون ويٺل حسينا تي ضرور ڪريون ٿي ۽ هن جون اکيون بہ ڪڏهن ڪڏهن دوچار ٿيون ٿي. سندس نهار بہ شاهاڻي ۽ دل ڌوڏيندڙ... ۽ اِهي راحت جا ڪڻ ماڻي رهيو هوس تہ ساز جيڪي وچ ۾ جهوٽو کائڻ لاءِ بيهي ويا هئا، تن کي ٽڏڙن هٿن وري سجاڳ ڪيو ۽ هڪ تيز ڌن ۾ چڙي پيا. هال وري گونجي اُٿيو ۽ ويٺلن جي جسمن ۾ رقص جا پاوَ پيدا ٿي ويا ۽ آهستي آهستي گول گهيري ۾ لهندا ويا... ۽ ڏسندي ڏسندي سامهون ويٺل ماهہ لقا پنهنجي ساهيڙيءَ سان کلندي ڪڏندي نرتيہ گهيري ۾ لهي پيئي... سندس جسم جو ناز ۽ ادا ۽ اپسرا جي نزاڪت، هڪ مشاهدو هو!

مون چيو، ”ادا وامق، ماهہ لقا ميدان ۾ توکي للڪاري رهي آهي. هاڻي اچ ميدان ۾....“ وامق هڪو ٻڪو ٿي ويو ۽ چيائين، ”ها اجهو لهان ٿو... هيءُ پيگ پورو ڪري وٺان...“ وامق ڪو نہ اُٿي ڪو نہ اُٿيو. هو شايد ذهن ۾ نچندو رهيو....

اسين ويٺا ئي رهياسون جو هوءَ وڃڻ لاءِ اُٿي. سياويڪ اسان جون اکيون مٿي کڄيون. محبوباڻي نموني ٿورو جهڪي مشڪي، جڻ الوداع ڪيائين. مون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنڌ جهڪائي جواب ڏنو. هن جي وچڻ ڪان پوءِ وامق چيو. "ڏس مون ڪي جيڪي سلام بہ ڪيائين." جڏهن اسين آنند ماٿي ٻاهر نڪتاسون تہ وامق منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي چيو، "باباڻي جي، سچ ٻڌايانءِ هوءَ حسينا مون ڏي نہ پر تو ڏي ئي نهاري رهي هئي...."

گينا ڳالهہ سمجهندي پوڳ پاتو، "اِها عورت اوهان ڏانهن نہ پر مون ڏانهن نهاري رهي هئي."

۽ ٽهڪ ڏيندا اڳتي وڌي وياسون.

# اوهين سڀ ننگا آهيو

هوءَ بلڪل ننگي هئي. چوٽيءَ کان پيرن تائين، صرف چاتيءَ مٿان پٽي ٻڌل هيس. جوان هئي ۽ بدن رشت پست هوس. مان پنهنجن خيالن ۾ ويڙهيل، سمنڊ ڪناري منهن اونداهيءَ ويل پنڌ ڪري رهيو هوس ۽ تڪڙو تڪڙو قدم وڌائيندو پئي ويس. هوءَ ڪٿان پرگهٽ ٿي. ڪيڏي مهل اچي مون تائين پهتي، مون کي اُن جي بلڪل سمڪ نه پيئي. مون کي ڄاڻ تڏهن پيئي، جڏهن اچانڪ پنهنجو هٿ اچي منهنجي ڪرائيءَ ۾ وڌائين. سندس پڪڙ ڏاڍي مضبوط هئي. هن اوچتي حملي تي آءُ ڏمڪجي ويس... شايد ڏڪي به ويس! پنهنجي من سرير جي حالت جو ڪهڙو بيان ڪريان! اُهو منهنجي زندگيءَ ۾ پهريون ئي پيرو اهڙو حادثو هو.

هوءَ منهنجي ڪرائيءَ کي سوگهو جهلي بيٺي رهي. رڳو "ڏماڪ... ڏمال... ڏمال" لفظ سندس مک مان پئي نڪتو. انهيءَ شبد جي تهہ ۾ سمايل درد جو سيسرات، هوا جي جهونڪن ۾ پرجي، فضا ۾ ڦهلجي ٿي ويو.

ڪي پل ته آءُ پنڊ پهڻ بڻيو بيٺو رهيس؛ پر پوءِ جلدي هوش سنڀالي، ڪروڌ ۾ پرجي، مون "ش... ش" ڪئي. بلڪل اهڙي نموني، جيئن ڪنهن گندي شيءِ کان ڪنارو ڪرڻ ۽ گهرڻا ڏيکارڻ لاءِ ڪبو آهي.

جڏهن منهنجي بار بار ناپسنديءَ جو اظهار ڪرڻ بعد به هن منهنجي ڪرائيءَ تان پنهنجي گرفت ڍلي نه ڪئي ته غصي ۾ ڪيس ٺيلهو ڏنو ۽ جهٽڪي سان پنهنجي ڪرائي ڇڏائي، هڪ ٻئل شخص جيان تڪڙي وک وڌائي، اڳتي نڪري ويس. منهنجي دل ڌڪ ڌڪ ڪري رهي هئي. پسينو به اچي ويو هو ۽ بدن ٿڌو ٺيندو پئي ويو. پنيان نظر ورائي ڏسڻ جي به همت ڪا نه ٿيم. گويا ڪو ڀوت پيڇو ڪري رهيو هو!

ڪافي اڳيرو نڪرڻ کان پوءِ منهنجي ڊپ جو احساس گهٽيو، دل ساڌارڻ رفتار سان هلڻ لڳي. تڏهن پهرين پهرين پاڻ تي سوچڻ شروع ڪيم: ڪيڏو نه بهادر شخص آهيان مان! هڪڙي عورت اچي ٻانهن کان جهليو ته مان سڄي جو سڄو ڊهي اچي پٽ پيو آهيان. مون اڄ هڪ عورت کي ٺيلهو ڏيئي، پاڻ ڇڏايو آهي. ڄڻ هوءَ مون کي کائي رهي هئي! ڪهڙو نه بهادريءَ جو عمدو مثال پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيو هو، اوڏانهن بہ نگاهہ ورايم؛ پر ڪالهہ واري عورت مون کي ڪٿي بہ نظر ڪا نہ آئي. ڪنهن کان سندس ڏس پتو بہ پڇي نٿي سگهيس. اهڙي بي حيائي ڪيئن ٿي ڪري سگهيس ۽ اُن قسم جي اجنبي عورت جو ڏس پتو ڏيڻ وارو هو بہ ڪير؟

اوچتو منهنجي اندر مان سوال اُڀريو تہ مان اُن عورت جي تلاش آخر ڪهڙي ڪارڻ ڪري رهيو آهيان؟ آءٌ ڪالهہ تہ اُن کي ڏڪو ڏيئي، پاڻ ڇڏائي ڀڳو هوس! ڇا منهنجي من ۾ پڇتاءُ جو احساس هو يا ڪائنس ڏوهہ بخشائڻ جي مراد هئي؟ اگر اها عورت اڄ وري پنهنجي ساڳي حال ۾ اچي منهنجي سامهون بيهي تہ آءٌ سندس ننگائپ جي دهشت سهي سگهندس يا ڀڄي جان بچائيندس؟ انهن سوالن ۾ اُلجهندو، آءٌ هاڻي وري هڪ نئين وهم ۾ مبتلا ٿيڻ لڳس تہ مون کي حقيقت ۾ اهڙي عورت سان پوري همدردي هئڻ گهرجي؛ سندس حالت تيَ درد محسوس ڪرڻ گهرجي، ان لاءِ ڪجهہ سوچڻ گهرجي ۽ سندس بيوسيءَ واري زندگيءَ جي ڪهاڻيءَ جي تهہ ۾ وڃڻ گهرجي. جيتوڻيڪ مون اهو بہ ڄاتو ٿي تہ اُها عورت اهڙن همدرديءَ جي جذبن کان گهڻو مٿي چڙهي چڪي آهي، هوءَ دک، پيڙا، لڄ کان بيک ٿي چڪي آهي ۽ مان رڳو پاڻ کي پرچائڻ لاءِ اهڙيون ڳالهيون سوچي رهيو هوس.

اِتي وري دل ۾ ٻيو خيال آيو. اندر ۾ چيم، ”چڱو ڀلا مان مڃان ٿو تہ مون هڪ اخلاقي گناهہ ڪيو آهي، پر اهو ڏوهہ ڇا مون تي حالتن طرفان مڙهيو نہ ويو هو؟ ڇا مان اهڙي گناهہ کان پلئہ آجا ڪرائي سگهيس ٿي؟ پاڻ ڇڏائي ڀڄي نہ وڃان ها تہ ٻيو ڪهڙو رستو هو ان حالت مان نڪرڻ جو؟ مان سندس لڄ بہ ڍڪي نٿي سگهيس. سندس احساسن کي بہ سمجهي نٿي سگهيس. سندس ”ڏمال... ڏمال...“ لفظن اندر پريل پاوناڻن کي بہ پروڙي نٿي سگهيس. آءٌ ڪيس ڪو بہ سهارو نٿي ڏيئي سگهيس. تہ پوءِ مان ڇا ٿي ڪري سگهيس؟

مان ڪيترو چاهيندي ۽ پتن ڪندي بہ اُن واقعي کي وساري نٿي سگهيس. ڇو جو مان پنهنجو روزانو سمنڊ ڪناري گهمڻ جو نيم ڇڏي نٿي سگهيس ۽ ان ڪري ساڳئي هنڌ تي پهچي، اُن درشيہ کي پلجي بہ نٿي سگهيس. اُتي پهچڻ بعد وري هيڏانهن هوڏانهن نهاري، ان عورت کي ڳولڻ جي اڇا کان بہ پاڻ پلي نٿي سگهيس! ان ريت اهو واقعو منهنجي جيون سان ڳنڍجي ويو هو. اُن عورت جي نرتجدي منهنجي نيم شعور ۾ داخل ٿي وئي هئي. مان هن جي ڏکدائي جيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ بڪ ڪلب پاران شايع ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| 1. شيخ سعدي جا قول | چونڊ: الطاف ملڪاڻي | 30/- |
| 2. تون آهين ڪٿي خوشبو | صنوبر سيد | 100/- |
| 3. گرو رجنيش ليڪچرز | ترجمو: الطاف ملڪاڻي | 80/- |
| 4. زندگيءَ جو گيت | گرو رجنيش/ الطاف ملڪاڻي | 90/- |
| 5. ڪولمبو منهنجو پيار | عبدالعزيز نظاماڻي | 60/- |
| 6. وتائي فقير جون ڳالهيون | مرتب: دانش ضياءَ | 15/- |
| 7. حضرت علي جا قول | چونڊ: الطاف ملڪاڻي | 25/- |
| 8. جي. ايم. سيد جا قول | مرتب: سرمد يف | 30/- |
| 9. سچو ديشي پڪو ديشي | سهڙيندڙ: راڻو ميگهواڙ | 60/- |
| 10. ڀڳتيءَ ۾ شڪتي | چيلداس ملاڻي | 50/- |
| 11. اوهين سڀ ننگا آهيو | ڪيرت ٻاٻاڻي | 50/- |
| 12. جلال چانڊيو | مرتب: دانش ضياءَ | 20/- |
| 13. زردشت | الطاف ملڪاڻي | 30/- |
| 14. ۽ سڪندر هارايو | الطاف ملڪاڻي | 30/- |
| 15. عشق ڇا آهي؟ | الطاف ملڪاڻي | 30/- |

## ڪتاب گهرائڻ لاءِ لکو

## سنڌ بڪ ڪلب

35 - رابعہ اسڪوائر،

حيدر چوڪ، گاڏي کاتو، حيدرآباد، سنڌ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي سڄاڻ شاعره صنوبر سيد جي بهترين شاعريءَ جو ڪتاب




پڪو جلد - قيمت -/100 رپيا

عبدالعزيز نظاماڻي جو سري لنڪا جو سفرنامو خوبصورت تصويرن سان گڏ




پڪو جلد - قيمت -/60 رپيا

ٻنهي ڪتابن جي رعايتي قيمت -/120 رپيا ٽپال خرچ فري.
اوهان اڄ ئي (احمد ضياءَ حيدرآباد) جي نالي تي ڊرافٽ/ چيڪ يا پي آرڊر روانو ڪيو. پئسا ملندي ئي اهي ٻئي ڪتاب اوهان جي ڏنل ائڊريس تي فورن ٽپال وسيلي موڪليا ويندا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نَسُل . پ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ اوسيئڙو ڪَندڙُ، ٻاڙي، ڪانُو، ٻاجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٹجاٹائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڪاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ ٻين کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

ونڻ ونڻ کي مون ياکي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

**پڙهندڙ نَسُل - پَ نَ The Reading Generation**